ممتا

ڪهاڻين جو مجموع



— گوپال پارواڻ

ممتا

(ڪهاڻين جو مجموعو)

ليکڪ:- گوپال ڀارواڻي
"سائين سدا"، بنگلو نمبر اي - ۴۲،
ڀائي پرتاپ نگر، گانڌي ڌام - ۳۷۰۲۰۱.
فون:- (آفيس) ۲۱۲۳۷ (گهر) ۲۱۲۸۲.

ڇاپو:- پهريون

ڪاپيون:- ۱۰۰۰

قيمت:- Rs. 9-25

سال:- ۱۹۸۹

ڪور ڊزائين:- گهنشيام ساگر

ڇپيندڙ:- گرديو پرنٽنگ پريس، ڊيولالي اڙاڊ،
ڪبير نگر، احمدآباد - ۳۸۲۳۴۰.

(گجرات سنڌي اڪادميءَ جي سهائتا سان ڇپيل)

ليکڪ جا ٻه ٻول



اڄ جي سماج ڪيترن ئي اراڻن ۾ مبتلا آهي. ڪٿي زال مڙس جي اڻبڻت، ڪٿي سس نُهن جو جهيڙو ته ڪٿي ڌيئين نُهيءَ جو وڏن سان تڪرار وغيره. انهن جدا جدا پهلن کي وٺي هيءَ ڪهاڻين جو گڏڪو، پاٺڪن ۽ ساهتيه پريمين اڳيان پيش ڪندي مونکي بيحد خوشي محسوس ٿي رهي آهي.

موجوده حالتن هيٺ جڏهن سنڌي ساهتيه لاءِ پريم ۽ اتساهه گهٽجندو پيو وڃي، اهڙي وقت ڪو به سنڌي ڪتاب ڇپائڻ، خواهه ان جو وڪرو ڪرڻ به هڪ وڏو مسئلو ٿي پيو آهي. پر چوندا آهن جتي چاهه آهي اتي راهه. ازخود ملي ويندي آهي. اهڙي اتساهه، پريم ۽ امنگ سان مون هيءَ جدا جدا وشين تي ڏهه ڪهاڻيون قلمبند ڪيون آهن ۽ توهان جي هٿن ۾ سونپيندي مونکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي. توهان جي هر راءِ جو سواگت آهي

هن ڪتاب جي شايع ڪرڻ ۾ گجرات سنڌي اڪادمي گانڌي نگر جي طرفان مليل اتساهه ۽ مالي مدد لاءِ مان اڪادميءَ جي پداڌڪارن جو ٿورائتو آهيان.

— گوپال پارواڻي

آڪاشواڻيءَ تان پڻ هن جون رچنائون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن. شري گوپال پارواڻي سرڪاري نوڪرياڻي پيشي جو ماڻهو آهي. ان هوندي به سندس حساس هردو ٻنهي ديش ٽوڙي سماج ۾ ٿيندڙ اٿل پٿل کان اڇوتو رهي نه سگهيو آهي. جنهن جو پڪو پرماڻ ڇٽبو سندس ذهن ڪهاڻين جو ڇپايل هي ”ممتا“ پستڪ.

سنڌي سماج هروڀرو ٻاري سماج کان ڪا علحدي ڪينهي. جدا جدا ڌرم-مذهب جي لحاظ ڪري، شادي-مراديءَ جون رسمون رواج ڀلي ٿين ٿي هجن، پر ٻيءَ طرح هن ايڪتا ۾ وسندڙ الڳ الڳ ذاتين ۾ ”مدش سماج“ وارو مانسڪ پرواهه جو ٻوياءَ ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندو خاص ڪري اجوڪي وگيان يڳ ۾ دوُر درشن، ٽوڙي آڪاشواڻيءَ، مدش سماج جي چڱائن چاهي براين کي پڌري پٽ ڪري ڇڏيو آهي ۽ شري پارواڻيءَ ٻنهي پستڪ جي پهرين ”فيصلو“ ڪهاڻيءَ ۾ اهو چٽ سڌ ڪري ڏيکاريو آهي. ساڳيءَ طرح سندس ٻيون ٽي ڪهاڻيون پڻ سماج جي جدا جدا مسئلن تي روشني وجهي، انهن جي حل ڳولهڻ واسطي هڪ طرح جو يٽن ڪن ٿيون!

شري گوپال جون لکيل ڪهاڻيون، ساهتڪ درجي ۾ ڀل اچن نٿيون، پر انهن ۾ ڪم آندل ٻولي اوچي معيار واري نه هوندي به سادي ۽ وڻندڙ گهروُ ٽوڙي

پرستاونا

ڪو شاعر ڀلي چوي، ته هو جيڪي به چوندو يا لکندو آهي، اهو رڳو.... ۽ فقط پنهنجي لاءِ ئي لکندو آهي، پر ڪهاڻيڪار، اهڙي هام مور نه هڻندو. هو جي ڀلا ڪارا ڪري ٿو ته ٻين لاءِ. سندس رچنائون جيترا گهڻا پاٺڪ پڙهندا، اوترو ئي هن کي آتم سنتوش ملندو.... ٿوءِ ڀلي ته هن جي لکيل ڪهاڻي يا افسانو ڪنهن ڏٺل، واقعي حقيقت تي ٻڌل هجي، توڙي ڪوڙي. ڪلپنا جي پيداوار ئي، يعني سندس ذهني ڪاوش يا هوشياريءَ جي اُپج هجي! افسانا نگار جو مشاهدو جيترو وسيع ۽ اونهو هوندو، اوترو ئي هو پنهنجي فن چاهي فڪر ۾ ڪامياب ليکيو ويندو. ساڳيءَ ريت ڪهاڻيڪار جي ڪاميابي ان پڻ پنهنجو ڪم ڪندي آهي. هوُ پنهنجي - پرائي ويدنا کي ڪهاڻيءَ جو ظاهر آڪار ڏيئي، پڙهندڙ جي خيال کي قابوءَ ۾ آڻي، ڪيس اها رچنا پڙهڻ توڙي سمجهڻ لاءِ مائل ڪري داد حاصل ڪري ٿو!

انهي ڏس ۾ منهنجو هڪ هموطني ڀاءُ گوپال پاروواڻي پڻ قلم آزمائي ڪري رهيو آهي. سندس لکيل ڪهاڻيون يا مضمون ڪجهه سالن کان هفتيوار اخبارن، توڙي ماهوار رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن

سادارڻ لوڪائي ٻولي آهي، جنهن ڪري پاٺڪ کي
ڪنهن لغت يا شبد ڪوش کي اٿلائڻ جو احتياج يا
ضرور نه پوندو! هونئن ته سنڌس هر هڪ ڪهاڻي هڪ
ٻئي جي پورڪ آهي. انهي ڪري ڏسڻ ۾ ائين ايندو
ته هن سائيءَ جڻ ته، هماليه کان لهندڙ نديون - وڏن
نالن توڙي ننڍن کي ساگر جي هڪ ئي ٻڪي پيٽ
۾ آڻي، ان جي وشالتا کي پورڻ اٿايو آهي.

مون لاءِ آخر ايترو ئي چوڻ مناسب ٿيندو، ته
مذڪور ڪتاب ۾ ڏنل ڏهن ئي ڪهاڻين جي ڏور ڪان
پوءِ، خود پڙهندڙن کي فيصلو ڪرڻو آهي ته آيا پاڻ
گوپال پاروانيءَ جي "ممتا" پاڻ توڙي پنهنجي نالي
سان ڪيترو نڀايو آهي ۽ بس!

آديپور (ڪڇ)
٢١ مئي ١٩٨٩

— هوندراج "دکايل"

☸ فيصلو ☸

جيوت جي چئيءَ، جڻ سڄي گهر جو ماحول ئي
بدلي ڇڏيو هو. جنهن گهر ۾ شانتي پيار ۽ عزت جو
راڄ هو، اڄ اتي اداسائيءَ ۽ گهٽيءَ جو واس هئو.
ڪارڻ ٻيو ڪجهه ڪانه هو، صرف ٻيوت جو خط
ئي هو.

ڪهڙي اها منحوس ويل هئي، جو مون جيوت
کي پرڻائڻ وقت جي موڪل ڏني، ايڏي جيوت ماءُ
هر هر چئي رهي هئي. سندريءَ جي ته جڻ ننڊ ئي
ڦٽي پئي هئي. ماضيءَ جا ڪيترا ئي نظارا، سندس
نيڻن اڳيان ترڻ لڳا. "ڪنهن سندر وقت کي ڏيءَ
ڏيڻ کان ته سندي آچار ڪجي". سندريءَ جي ماءُ
سندريءَ جي شاديءَ جو ورونه ڪندي چيو هئو.

ٻر مان ٻنهي دوست کي ڏنل وچن ڇا ڪوڙو
ڪندس؟ تڪ ڦٽي ڪري وري ڪيئن ڏيهندس؟
مرد جي زبان هڪ هوندي آهي ۽ ته ڪي ... مان
سندريءَ جي شادي اتي ڪندس، جتي مان چاهيندس.
ها وري جيوت جهڙا سڀاڙر ڇوڪرا ڳولهيندي به نه
ملندا. سندريءَ جي پيءَ ٻنهجو محڪم ارادو
ڏيکاريندي چيو هو.

☼ فيصلو ☼

جيوت نالي هڪ نوجوان ٻاهر (ودئش) ۾ رهندو آهي. هندستان اچڻ تي سندس شادي سندريءَ سان ٿي ٿئي. شاديءَ کانپوءِ هن کي وري ٻاهر ٿو وڃڻو ٿوي. ويزا جي چڪر ۾ مجبور هــن کي اٿي جي ودئشي ڇوڪريءَ ڪرسٽينا سان شادي ٿي ڪرڻي ٿوي. جيوت ۽ ڪرشٽينا هندستان ٿــا اچن، جتي سندريءَ کين ڏسي حسد جي آگ ۾ جلي ٿي اٿي. ودئشي ڇوڪري ڪرسٽينا کي هندستاني ناريءَ لاءِ اي حد عزت آهي. هوءَ سندريءَ کي ڀيڻ جي وڏي ڀيڻ وانگر سڀني حالت کان واقف ٿي ڪري ٿ. جيوت سانس شادي ڇو ڪئي. حالت کان واقف ٿيڻ کانپوءِ سندريءَ جي دل ميڻ وانگر رجي ٿــي ۽ هوءَ ڪرسٽينا کي ڀاڪر پائي ڀيڻ سڪ جي حصيدار ٻڻائي ٿي:

”ڇا ٽن سالن جو عرصو ننڍو آهي؟ انهن جي وڇوڙي ۾ ته هڪ هڪ پل منهنجي لاءِ ورهيه جي برابر ٿيندو. انهين انتظار ڪندي ڪندي شايد منهنجو ساهه نه اچي وڃي“. سندريءَ ڏڪندي گهوٽ کي چيو هو.

نه نه ائين نه چئه، جي تون دل ننڍي ڪندينءَ ته مان ڪيئن وڃي سگهندس. ڀـلا منهنجو من اتي ڏنڍي ۾ ڪيئن لڳندو؟ تنهنجي پرداري ئي تـه منهنجو سهارو آهي. جيوت سمجهائيندي کيس چيو هو؛ اُن ڪان پوءِ ئي سندري شانت ٿي هئي. کيس انتظار هو ته جيوت ڪڏهن ٿو ناڻو ڪمائي واپس ديش اچي ته هي ورهه جو وڇوڙو دور ٿئي. پر اڄ هن چٺيءَ ۾ هڪ نئون ڀونچال کي جنم ڏنو آ.

پار جڏهن پنهنجو راند پکو پٽي کي ڪٽيندو ڏسندو آهي، ته هن ۾ اهو جي ڀاونا جاڳندي آهي، پر هيءَ ته هڪ ناري هئي، هوءَ ڪيئن ڀـلا پنهنجي صاحبيءَ کي پٽي جي حوالي ڏسي سگهندي؟ هاڻي ڪلهه ڪندي هوءَ پـاڻ کي پنهنجي ئي گهر ۾ داسي پسڻ لڳي. هن جي هردي روپاي سمنڊ ۾ ڪئين ڇولهون اچڻ وڃڻ لڳيون. کيس خبر هئي تـه جلد ئي کيس هن حالت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو آهي، گهڙي هوءَ پنهنجي اشٽ ديو ”جهولي لعل“ کي ياد ڪري

هاڻي سندري، اُن گهڙيءَ کي منحوس گهڙي سمجهڻ لڳي جڏهن جيوت جي ساڻس شادي ٿي هئي. ڪيتري نه خوش هئي سندري اُن وقت. هن ولائتي شين جي ڪلهه ڪندي ڪيترا نه نوان نوان سپنا سجايا هئا.

سندري، اُن هاڻي اڻوڻنيه ڪنوار ٿيندي پنهنجيءَ، پاڻ کي پنهنجي ڪري اسانجو ـــ مدهن مٺي ٿيو، جو ڪنهن کي فخر سان چئي نه سگهندو هئين ته پاڻي اسان سندريءَ جون ساهيڙيون آهيون. سندريءَ جي ساهيڙين کيس چيڙائيندي چيو هئو. اُن وقت اهو سڀ ٻڌي هوءَ پاڻ تي ناز ڪندي هئي؛ اُن وقت کيس ولائتي گهوٽ جي ورڻ جو زهر به مٺو ٿي لڳو.

جڏهن ٽن مهينن جي عرصي بعد، جيوت واپس پرڏيهه وڃي رهيو هو تڏهن ٿي کيس احساس ٿيو ته پرديسي گهوٽ ڇا ٿيندو آهي، هوءَ پنهنجي پيار کي پاڻ کان جدا ٿيندي ڏسي دل ٿي دل ۾ سڏڪي آئي هئي.

"سندري ٽن سالن جو ڪو وڏو عرصو ڪونهي، مان جلد اچي توسان ملندس. پس به ٿي مسافريون ڪري، ناڻو ڪمائي اچي هندستان وسائيندس"، جيوت دلداري ڏيندي سندريءَ کي چيو هو. اُن وقت سندريءَ جي نيڻن ۾ لڙي آيل نير پاڻ جيوت اگهيو هو.

منهنجو سهاڳ ئي ختم ڪرڻ چاهين؟ پڇيو ته مون وٽ ته گهڻيئي آهي جيترو چئين اوترو ڏيڻ لاءِ پر منهنجو سهاڳ موٽي واپس ڏي اها تون ڀلا ئي مهرباني ڪر. هان وٽ هي سڀ زيور مٽيا ۽ گهر، پر منهنجي گهوٽ جو خالي هٿ موٽي ڏي. مان توکي پري ٿي پوان. سندريءَ آواز ۾ اچي چيو. تون به ته هڪ ناري آهين، ڇا تو ۾ ناريءَ جي دل ڪانهي. ها پر اهو ته مان ڀلجي ويس ته تون پاپڻي ناري نه آهين! اگر تون پاپڻ ناري هجين ها ته توکي ناريءَ جي پيڙا جو احساس ٿئي ها.

”نه ڏيندي انهن نه چيو، مون پنهنجي پيءُ جي لالچ ۾ جان (جيومه) سان شادي ڪانه ڪئي آهي. مان پاڻ هڪ وڏيءَ ملڪيت جي اڪيلي مالڪياڻي آهيان. پر ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري اسانکي هنءَ شادي ڪرڻي پيئي آهي. ڪرسٽينا ٿڏي نوع ۾ چيو.“

”ڪهڙي مجبوري؟ مان سڀ سمجهان ٿي، توهان جهڙيون ڏالون مڪ اپ جو نقلي چولو هڻي، پراون مردن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ٿيون. ان وقت توهان ۾ استريءَ جي دل جو واس نه هوندو آهي. اڙي مان وري ڀلجي ويس ته مان پاپڻيءَ استريءَ نه پر ودیشي استريءَ سان ڳالهه ڪري رهي آهيان.

چئي رهي هئي، ”اي ديوتا! هن چنيءَ کي ڇا ٿو هڪ مذاق بڻاءِ ٿا هيءَ نظارو ڏسڻ کان اڳ، ٽي موٽڪي پاڻ وٽ گهرائي وٺ.

اوچتو گهر وٽ ڪار جي بيهڪ هن کي خيال جي دنيا مان سجاڳ ڪيو. ڇا ڏسي جيوت، هڪ انگريز عورت سان گڏ اُن ڪار مان لٿو. سهڻي، ميڻ جي گڏيءَ مثل. لهنڪ سان سنڌس لب سرخ، سنهڙو ۽ چهبدار نڪ، سونهري ڪٽ وار ۽ اکين تي ڪارو چشمو، پر عورت جي ٻيا ڳالهه هئي لـــ هوءَ ڳلابي ساڙهيءَ ۾ هئي ۽ مٿو ڍڪيل. ساڙهيءَ ۾ ايتري وڻندڙ ٿي لڳي. جيوت جو ڀاءُ ڪار مان سامان لهرائڻ ۽ سنڀالڻ ۾ مشغول هو ۽ جيوت ڪنوار سوڙو اچي گهر ۾ پهتو. سڀ کان پهرين پٽي اچي ماءُ کي پيري پيا ۽ اُن کانپوءِ پٽي اچي سنڌريءَ جي ڪمري ۾ آهستي جهڙي سنڌري گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي.

ديدي، موٽڪي پڙهڻ ٻڌي پنهنجي سمجهو، مان ڪا غير نه آهيان. موٽڪي قبول ڪيو، ڪرسٽينا ٻاڪر پائيندي سنڌريءَ سان نئونيءَ ڦونيءَ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي چيو. هن پنهنجي پرس مان ڪجهه ڪاغذ ۽ چابيون ڪڍي سنڌس چرڻن ۾ رکيا. هاڻي سنڌريءَ جون مايوس اکيون، غصي ۾ لعل ٿي ويون. هن ڪرسٽينا کي گهوريندي چيو ”ڇا هن پٽسي سان اوڻ

اهو سڀ ڄاڻڻ کانپوءِ مان ته دل لاهي ويٺس ته ايترو سارو ٽائم ۽ پئسا خرچ ڪري هو هندستان ڪيئن ويندو؟ اِس مان سوچيندي رهيس ۽ سوچيندي رهيس. نيٺ هڪ تجويز منهنجي دماغ ۾ تري آئي جڏهن سان جان ٽائم کان ته ڇٽي سگهيو ٿي ۽ هندستان ۾ واپس وڃڻ کان ته به اهو ٿورو مشڪل ضرور هو. نيٺ نه چاهيندي به مون جان کي ٻڌايو. جان! مان هن دنيا ۾ اڪيلي آهيان، جيسين تون مون سان شادي ڪرين ته توکي هتي جي Citizenship ملي سگهي ٿي ۽ تون آزاد پکيءَ وانگر هتي رهي ڌنڌو ڪري سگهين ٿو. اهو ٻڌي جان گهڙيءَ سوچ ۾ پئجي ويو. مون سندس دل جي ڳالهه کي ڄاڻي ورتو. ڪيس چيم سندريءَ جو ئي خيال ٿو اچيئي نه؟ هن ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو، ويچاري سندري، ڪيتري نه ابوجهه ۽ نرمل آهي، مان ان سان اهڙو انياءُ ڪيئن ڪندس.

سڄي رات جان نه ڄاڻ ڇا سوچيندو رهيو ۽ مان به پنهنجي گهر ۾ سوچڻ لڳس. نه ڄاڻ ڪيڏي مهل ننڊ اچي وئي. صبوح جو اٿي تيار ٿيس. ٽيون ڪرڻ ويٺس ته ڪال ٻيل وڳي، در کوليم ته جان کي ڏٺم. اکيون ڳاڙهيون، ٿڪل، اداس، ڏاڙهي وڌيل، هو اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. ”ڪرسٽينا! مان توسان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان“ جان ٽٽل آواز ۾ چيو!

توهانجي ڌنڌي ۾ ڪاڻ ناري، نه ڪامياب ماءِ هوندي آهي، نه ڪامياب ڄال ۽ نه اُهي ڪامياب ٿيءَ. ٻيو توهانکي اسان جهڙن جو احساس ڪيئن ٿيندو؟ سنڌريءَ ڙقندي چيو.”

نه ڀيڻ نه، اهڙي ڳالهه ڪانهي. تون ڀل مونکي ڪيترو به ذليل ڪر، پر مان انهن اسٽرن مان ناهيان. حقيقت جاڻڻ ڌانپوءِ جيڪو تون فيصلو ڪندين، اهو مونکي منظور ٿيندو. اهو منهنجو توسان وچن آهي.

”جان (جيوس) اسانجي ٻاڙي ۾ رهندو هئو. هڪ سٺي هندستاني ۽ ٻاڙسريءَ جي ناڙي مان سندس ايڏ عزت ڪندي هئس. جڏهن به اسين ڪنهن پارڪ ۾ يا ڪلب ۾ گڏ جدا هئاسين ته سندس واڻان هندستان جي فلمي اليف جي ٻاري ۾ مونکي جاڻ ملندي هئي. ان وقت مان پنهنجي ڪلهڻا ۾ هندستاني ناريءَ جو رڪا چٽر ناهي وٺندي هئس ۽ هندستان ڏسڻ جي ايڏ لمبا ٿيندي هئم. هڪ ڏينهن اوچتو مون جان کـي ڪافي اداس محسوس ڪيو. گهڻي پڇڻ تي هن پنهنجي ٻڌگ مان هڪ ليٽر ڪڍي ڏيکاريو جنهن ۾ سندس وڏا ٻوري ٿيڻ ڪان ٻوءِ به هوءَ هن ملڪ ۾ رهيو پيو هـو. انهنجو سبب پڇيو ويو هئس. هنکي اهو به چٽاءُ ڏنو ويو هو ته هاڻي هوءَ ١٠،٠٠٠ ڊالر ڀري واپس هندستان وڃي.

چوندي آهي ته هڪ مياڻ ۾ ٻه ترارون نه ماپنديون
آهن، پر جي مياڻ وڏي هوندي ته ان ۾ ٻه ترارون
ضرور ماپنديون. اهو اسين ثابت ڪري
ڏيکارينداسين.

ٻنهي کي اهڙي قرب سان گڏجندو ڏسي جيوت
(جان) سامت جو ساهه ڪٽيو ته سندس فيصلي ۾ ڪا
اوڻائي نه هئي ......

”ٻر سندريءَ جو ڇا ٿيندو ان بابت به سوچيو
اٿيئي ؟“

”مون پنهنجو فيصلو ڪيو آهي، باقي فيصلو سندريءَ تي ڇڏيندس. جان ٿڌل آواز ۾ چيو.

پيٽ، هاڻي جي تون چاهين ته اهو فيصلو ڪر ته اسين گڏ رهون يا نه. مون ته صرف سول مئريج ڪري جان کي ائين رهڻ جو چانس هٿ ڪري ڏنو آهي. ڊيڊي! اسانجي زندگيءَ جو فيصلو توهانجي هٿ ۾ آهي ڇاڪاڻ ته جان تي پهريون حق توهانجو آهي. ها، توهان جي ٿورو سري مونکي پنهنجي زندگيءَ ۾ جاءِ ڏيندا ته مان توهانجي ٿورائتي رهنديس نه ته ٻيءَ حالت ۾ هندستاني ناريءَ جيان پنهنجي من مندر ۾ مورتي رکي انجي اپاسنا ڪندي رهنديس.

هاڻي سندريءَ جي نيڻن جي نهر جو بند ٽٽي پيو، هن ڪرسٽينا کي ڀاڪر ۾ جهلي چيو: ”ناري ته آخر ناري آهي نه، پوءِ چاهي ڀارتي هجي يا وديشي. ناريءَ جو ٻيو روپ قرباني آهي. تو جي منهنجي پٽ جي سک خاطر هيڏي ساري قرباني ڏني آهي ته ڇا مان توسان ٿورو به پيار نه ونڊينديس؟ پيٽ اڄ مان خوشيءَ سان اهو فيصلو ٿي ڪريان ته اڄ کان پوءِ اسين ٻئي گڏجي رهنداسين. دنيا

ممتا

اڄ سڄو هال سنگيت جي مڌر سرن سان سرشار ٿي ويو. ڪيترا جوڙا ان تي ڊانس ڪري رهيا هئا. رنگين ۽ سهڻين پوشاڪن، طرح طرح جي زيورن ۾ هرڪا استري پاڻ کي سڀني کان خوبصورت ۽ سمارٽ پئي سمجهڻ لڳي. وري هر ڪنهن جي هيئر اسٽائيل ۽ ميڪ اپ ته، ڄڻ نمائش جو ڪم ٿي ڪيو. هال جو هي ماحول، مغرب جي ڪنهن به نظاري کان گهٽ ڪانه ٿي لڳو.

راڌا ۽ شامو جن کي اڄ رتنا مالڪڻ خاص سهڻي يونيفارم پهرائي ڏني هئي ان ٽري ۾ ڊرنڪ جي سڀني کي پئي آڇ ڪئي.

رتنا پاڻ ساڙهيءَ ۾ ۽ هيرن جي زيورن سان خوب سجيل هئي. سندس چنڊ جهڙو مکڙو ٻهڪي رهيو هو. سهڻي چهري تي ڪارا وار ۽ اسٽيج جي روشنيءَ ۾ هيرن ته، ڄڻ سندس سونهن وڌيڪ نکاري ڇڏي هئي. رميش به گهٽ ڪونه ٿي لڳو، ان کي نيرو سوٽ، سهڻي ٽاءِ ۽ پيرن ۾ ڪارو بوٽ هو. هو ڏاڍي شان سان پنهنجي شاديءَ جي سالگره تي آيل مهمانن جي آجيان ۾ مشغول هو. گهڙيءَ گهڙيءَ هن رتنا

ممتا

هيءَ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ماتا جيڪا، ممتا جي مورت آهي، پر سندس پٽ رميش ۽ نُهن ريتا ٻنهين روشنيءَ جا پار هن جي سچي روپ کي پرکي نٿا سگهن.

هوُ هن سان انصاف نٿا ڪن. اهڙي قدر جو سندن پٽ آلوڪ ٿي ٿو. سندس سڀاءُ پوڻ ۾ مناسب نٿا سمجهن. آخر پرڪشا جي گهڙي اچي ٿي جنهن ۾ لاجونتي (رميش جي ماءُ) تپسيا جي ذريعي آلوڪ کي ڪال جي چنبي مان ڪڍي ٿي پنهنجي جان جي قرباني ڏيئي ممتا جي ديويءَ طور پڌري ٿئي ٿي.

ڇڏيو پر رتنا جي غصي جو پارو چوٽ چڙهي ويو. سندس انگريزي ڳالهيندڙ ساهيڙيون به رتنا جي مس کي اهڙن گهوري رهيون هيون جڻ ته هن کين گهٽ وڌ چيو هجي. رتنا ڪاوڙ ۾ اچي رميش کي چيو "ڏسين ڇا ويٺو ڪيو هن ٻلڙيءَ کي ٻاهر ڪڍڻ اسانجي محفل جي رنگ ۾ ڀنگ وڌو آهي." رميش نه چاهيندي به ماءُ کي ٻاهر وٺي ويو ۽ هڪ نوڪر کي تاڪيد ڪيائين ته هو هنکي ٻارنيءَ جو کاڌو کارائي ڪنهن روم ۾ بند ڪري اچي.

ٻلڙيءَ جي دل روئي ڏنو. ماءُ ته پٽ ڏنهن کي آسيس ڏيڻ لاءِ ويس ڇو جو ماءُ سندن خوشيءَ جو وڏو حصو آهيان، پر هن اڄوڪي نئين روشنيءَ جا ٻليل ٻار ماءُ جي ممتا کان دور ڀڄڻ ٿا چاهين. ڌارين جي حاضريءَ ۾ منهنجي حاضري سندن لاءِ ڪنبي سمان آهي. ڇا پٽ ان لاءِ ڄڻيا آهن ته شاديءَ کانپوءِ هو پنهنجي ممتا جي ٻڍڙيءَ ٻي ڏهن رکي گلو گهوٽين. ٻلڙي ٻلنگ تي ويهي خوب روئي رهي هئي. اڄ کيس رميش پيءُ جي خوب ياد اچڻ لڳي. سوچڻ لڳي پنهنجي بادشاهيءَ کانپوءِ سڀ ڪوڙ آهي. رميش پيءُ جيان هئو ته رميش ڪڏهن به انهن پيش نه آيو هو. اڄ ساڳيو رميش زال جي اشاري تي منهنجي پوڙيءَ سيا ۾ بيعزتي ڪري، مونکي هن روم ۾ وهڻ

طرف نهاري ٻاهر کي ٻين دوستن کان وڌيڪ خوش نصيب پئي سمجهيو جو، سندس رهڻا ٻين سڀني کان وڌيڪ سٺي ٿي لڳي.

انهيءَ ۾ هال جي دروازي کان سڀني جو ڌيان ڇڪايو ۽ اندر آئي رميش جي پيڙي ماءُ. هڪ ڪن لاءِ سڀ ويا مدهوش شانت ٿي ويو. رهڻا جون ساهڙيون عجيب نگاهن سان رهڻا طرف نهاري، جڻ سوال ڪري رهيون ته اهڙي محفل کي ڀنگ ڪري ڪير هيءَ ڪهڙي ٻڍي آئي آهي. رهڻا جي حالت ته اهڙي ٿي وانگي جڻ آڪاش ۾ اڏندڙ پکيءَ جا پر ڪٽي ڪيس زمين تي اڇلائي ڇڏيو هجي. هن پنهنجي تيز نگاهن سان رميش طرف نهاريو، جنهن جي پيشانيءَ تي پسيني جون بوندون تري آيون هيون جيڪي هن جلد ئي رومال ڪڍي اُنهن کي، وهڻ کان اڳ اُگهڻ ٿي چاهيون.

پٽ! اڄ تنهنجي شاديءَ جي سالگره آهي ۽ تو موڪلي پٺايو ته ڪانهي؟ رميش ماءُ ممتا ڀريل آواز ۾ چيو، هڪوار منهنجي نزديڪ اچ ته مان توکي آسيس ڪريان. "شل زندگيءَ جا ڪئين اهڙا رنگين سال توهانجي قدمن مان گذرن ۽ اوهين ٻئي نهه نوان ٿي خوب دنيا جا مزا ماڻيو".

ماءُ جي هن قرب ته رميش جو غصو ٺنڊو ڪري

کيئن نہ هوءَ هرهڪ مندر ۾ وڃي ايشور جي اڳيان ٻاڏائيو هو "تہ هي ڀڳوان منهنجي عمر ڀلي هن ٻارڙي کي ڏي." رات ڏينهن سندس نيڻن جي ننڊ موڪلائي ويئي هئي. ساري رات رميش جو منهن پنهنجي گود ۾ رکي اندر ئي اندر ۾ پيئي سڏڪا ڀريندي هئي ۽ جڏهن رميش ڪانئس رات جو ٣ بجي پاڻي گهريو هو تہ کيئن نہ. ٿمپ ڏيئي کيس پاڻي پيارئو هئائين ۽ کيئن نہ کيس ڇاتيءَ سان لڳايو هئائين، ان وقت سندس ڏاڍي ٽيڪ لڳي انهن ٻئي سمجهيائين ڄڻ کيس ڪارون جو خزانو مليو هو.

وقت جو چڪر هلندو رهيو ۽ رميش جوانيءَ ۾ پير رکيو. هو هڪ ناهوڪيو، سهڻو، ڏگهڙو جوان اڀرجي پيو هو. هو هوشيار انجنيئر ٿيو تہ پڻس جا ارمان پورا ٿيا. هو ڏاڍو خوش ٿيو تہ. آخر سندس لاڏلو خاندان جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ قابل ٿيو هو.

سيٺ وشنداس، جڏهن رميش کي ڏٺو تہ هو رميش کي ڏاڍو چاهڻ لڳو. هن دل ئي دل ۾ سوچيو تہ ڀلا (سندس ڌيءُ جي شادي) هو رميش سان ئي ڪندو. وشنداس هڪ ڏينهن وڃي. وٽي ڌرمداس سان ڳالهہ ڇوري. ان وقت ڌرمداس چيو هو تہ. کيس ٻنهي رميش ۽ سندس ٻال لاجونتيءَ جي راءِ وٺڻي پوندي.

لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي. نوڪر ڪيڏي مهل سندس اڳيان ڪاڏي پيٽي جو سامان ۽ جوس وغيره رکي ويو تنهن جي ڪيس ڪجهه خبر ڪانه پيئي. اِس سندس نيڻن مان گنگا جي ڌارا وهي رهي هئي ۽ ڪيس گذريل نظارا نظر اچي رهيا هئا.

ڌرمداس هڪ فرم ۾ مئنيجر جي عهدي تي هو. رهڻ لاءِ عاليشان بنگلو، گهمڻ لاءِ موٽر ڪار، گهر ۾ سهڻي سلڇڻي پتورتا جي ديوي مثل استري، جنهن جي گود ۾ هو هڪ سڪيلڌو پٽ رميش. ڌرمداس کي پنهنجي پتنيءَ ۽ پٽ سان بيحد پيار هو. سانجهي وقت پٽ تي نورو ظاهر پئي هوس. ڇو جو ڪيس پنهنجي پتنيءَ سان نه هئي نه پر صرف پيار سان اڳڙ جندو آهي. سندس اڀلاشا هئي ته رميش هڪ هوشيار ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿئي جيئن سندس شان شوڪت کي چار چنڊ لڳي وڃن. انهيءَ ڪري هو ننڍي هوندي کان ئي پٽ جي پڙهائي ۽ آچار وچار تي خاص نظر رکندو هو. ڪڏهن جي رميش بدفضيلتو هليو ته ڌرمداس ڪيس اڪ ڌڪار ڏيندو هو، جيڪو لاچونتيءَ کان سٺو نه ٿيندو هو ۽ ڌرمداس، ماءُ جي ممتا جي ساگر ۾ جهاتي پائي چپ ٿي ويندو هو.

هڪ دفعي جڏهن رميش کي مغزي بخار ٿيو هو ته رميش ماءُ ڪيترا نه ڏينهن ڪري پاڻ پتوڙيو هو.

ٿيندي ڇميس. رتنا کي اهڙي ممتا کان سخت نفرت
هئي. هڪ ڏينهن جڏهن ٻڍڙي آلوڪ کي کڻي پيار
پئي ڪيو ته هن سس کان ٻار وٺي کڻي پينگهي ۾
ليٽايو. هيڏڙي ٻار کي ڀلا اهڙو چمو آهي ڇا؟
سندس ڇمڙي خراب ٿي ويندي ۽ کيس Infection
ٿيڻ جو به انديشو آهي. ان ڏينهن کان پوءِ لاجونتي
ٻار جي پيار کان به وانجهيل رهي. ڪڏهن ڪڏهن
جي رميش ۽ رتنا ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويندا هئا
ته لاجونتي چوري ڇپي وڃي ٻوٽي کي کڻندي
هئي ۽ ٻه ڳالهيون ڪندي هئي. هوءَ سوچيندي
هئي ڇا اهو سڀ رميش جي پيءُ اڳيان ٿئي ها؟

اوچتو هال جو دروازو زور سان کڙڪايو ويو.
لاجونتيءَ جو خواب ٽٽو. آيا گهٻرايل نوع ۾ رتنا کي
ٻڌايو ته آلوڪ بيهوش ٿي ويو آهي ۽ زور زور سان
سهڪي رهيو آهي. رميش ۽ رتنا بي صبريءَ سان
ان ڪمري ۾ داخل ٿيا جتي آلوڪ زور زور سان
سهڪي رهيو هو. هاڻي رتنا هيٺيون ڦاڙي روئڻ
لڳي. رميش ٻيو ڪو چارو نه ڏسي فون ڊاڪٽر
کي گهرائي ورتو. ڊاڪٽر تپاس ڪري چيو ته آلوڪ
کي نمونيا آهي ۽ هن کي هينئر ئي اسپتال کڻي
هلڻو پوندو. (اهو سڀ لاجونتي در پٺيان بيهي ٻڌي
رهي هئي). ۽ ها آلوڪ جي زندگي خطري کان

هڪ شام، رميش جي حاضريءَ ۾ ڌرمداس، لاجونتيءَ سان رميش جي آئل رشتي جي ڳالهه ڇيڙي، لاجونتي اُٿي بيٺي، ايڏي وڏي گهر جي آڇ ڪيئن ٺُڪرائي. ڌرمداس گهٻراٽ سان چيو "منهنجي راءِ موجب رشتو ٺاهڻ جهڙن گهرن جي وچ ۾ ئي جوڙ ٿئي. ڪهڙي وڏي گهر جي ڌيءَ، منهنجي دک جو باعث نه ٿيندي؟" لاجونتيءَ چيو هو سڀئي آڱرا ون هڪ ابار ٿوروئي آهن؛ وري رميش کان پڇڻ لاءِ شادي ڪئي ويئي.

ڇونه آهن ڪنهنجي آئي؛ ڪنهنجي جاني ڪجهه نه ٿي سگهي ٿو. اوچتو هڪ ڏينهن ڌرمداس کي اچي دل جو دورو پيو، هو لاجونتيءَ جو همت رميش کي سونپي، هميشه لاءِ هن سنسار مان راهه رواني ٿي ويو. لاجونتيءَ تي ڄڻ ڏکن جو پهاڙ ٽٽي پيو. پر وري پاڻ ٻل ڪيس پنهنجي سنڀال پاڻ لـي ٺاهه هئو. هوءَ رميش ۽ رتنا کي خوب چاهيندي هئي، انهن جا هر انگل آرا پورا ڪندي هئي. ڪڏهن به ڪنهن قسم جي گهٽ ٿوڙ ٿي روڪ ٽوڪ نه ڪندي هئي. هيڪاري سندن پيار ڏسي پيئي ٺرندي هئي.

هڪ ڏينهن اهو ٻه آهو جڏهن رميش آلوڪ جو پيءُ ٿيو. پيڙي ٻوٽي کي ڏسي ٺري پيئي، چيو

صبوح جو آلوڪ ننڊ مان اٿي روئي رهيو هو ۽ ٻار لاجونتي سندس ڀر ۾ هوندي به خاموش هئي. آلوڪ جي روئڻ تي آيا ڊڪندي آئي ۽ هن آلوڪ کي کڻي وچ لاجونتيءَ کي ڌونڌاڙيو ته کيس ائين مئل پاتو. آيا يڪدم ڊاڪٽر کي سڏ ڪري آئي، جنهن لاجونتيءَ کي ڏسي هڪ ننڍو شوڪارو ڀريو ۽ چيو، "آخر تو ڪال ڏيارڻ کي جيتيو." هن فون تي رميش ۽ رتنا کي اطلاع ڏنو جيڪي جلد ئي اچي پهتا. هن لاجونتيءَ جي پرفيلي مورتي ڏٺي جيڪا اڃان ڪين ڏسي مسڪرائي رهي هئي، رتنا خوب اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. "هن جي وات مان نڪتو آه! تون ممتا جي ساکيات مورتي هئين، پر توکي مون نه سڃاتو" ۽ ڊاڪٽر هڪ اڇيءَ چادر سان لاجونتيءَ جو منهن ڍڪي ڇڏيو.

خالي ڪونهي. موڪلي نه سگهه ۽ ٻيو اچي نه اوهان ايتري لاپرواهي ڪيئن ڪئي آهي جو موڪلي ايترو دير سان فون ڪيو ويو آهي.

لاجونتيءَ جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين نڪري وئي. هن ڊاڪٽر کي ليلائيندي چيو "ڊاڪٽر صاحب توهين ائين نه چئو، ڊاڪٽر نه زندگي ڏيندا آهن. توهين نه اسان لاءِ ايشور مثل آهيو. ياد اٿو هڪ دفعو توهان ٻي رميش کي نئون جنم ڏنو هو." ڊاڪٽر ياد ڪندي چيو ته "رميش کي نئون جنم ڏيڻ وارو مان نه پر ڀڳوان جي ڪرپا(?) هئي." تو رميش جي سار سنڀال لهڻ لاءِ پنهنجو رت ڏنو هئو. ڇا ٻيا ائين ڪري سگهندي؟ هڪ آيا، پرائو رت، پار کي ڇا پالي سگهندي؟ پار لاءِ ماءُ ايشور خلقي تو، اهو هڪ اهميت ڀريو راز آهي. تو ڄاڻي پرکيو ٻيا اصل نه لهي سگهندي. لاجونتيءَ ڊاڪٽر کي اڻ ۽ ٻي ڪئيندي چيو "منهنجي هوندي ڀلا ٻيا ڇو ڪري؟ آخر الوڪ منهنجو به ته انش آهي؟" جلد سڀ اسپتال ۾ پهچي ويا. ڊاڪٽر دئال پار جو پوريءَ ريت علاج ڪيو ۽ لاجونتيءَ نسوارٿ سيوا ۽ پرماتما در پرارٿنا جو آرنڀ ڪيو. آهستي آهستي الوڪ ٺيڪ ٿيڻ لڳو ۽ ڊاڪٽر ٻڌايو ته هاڻي پار خطري کان ٻاهر آهي ۽ هاڻي توهان سڀاڻي گهر وڃي سگهو ٿا.

امر جيوتي

شانتيءَ ڪٿاهه پرساد ٻڌي ڇاهيو ۽ ان سان گڏ ئي سندس دماغ جي ويچارن جي ڄار ٻڌي ڇهندي ويئي، ٻانيءَ مان نڪرندڙ دونهين ۾ هن امر جو سهڻو، کلندڙ چهرو ڏٺو، جيڪو کلي شانتيءَ کي چئي رهيو هو، ”اماں! مان جيوتيءَ سان شادي ڪندس.“ شانتيءَ خوش ٿيندي چيو، ”ها پٽ! جي تنهنجي اهائي مرضي آهي ته مان توکي جيوتيءَ سان ضرور شادي ڪرائيندس. پٽ ٻارن جي ئي خوشيءَ ۾ مائٽن جي خوشي آهي.“

در تي آواز ٻڌي، شانتي ٻاني هيٺ لاهي وڃي در کوليو. در کلندي ئي جهمٽ ماءُ چيو، ”ڇو شانتي اڄ تنهنجي گهر مان خوشبوءِ پيئي اچي ۽ تون ڏاڍي خوش پيئي نظر اچين؟“

شانتيءَ کلندي چيو، ”ها اڄ منهنجي زندگيءَ جي خوشيءَ جو ڏينهن آهي. منهنجو امر ميٽر جي عهدي تي پهتو آهي. اڄ مان بيحد خوش آهيان. ڀلا خوش نه ٿيان؟ اڄ امر جو پيءُ به سرڳ ۾ خوش هوندو. اڄ سندس آرزو ۽ منهنجي ساڌنا پوري

امر جيوتي

اڄ جي يگ ۾ ٻال وواھ ۽ وڌوا وواھ لئي ٻڌش هڪ قسم جا ٻه ٻه داغ آهن جيڪي هن ڪهاڻيءَ کي جنم ٿا ڏين. شانتيءَ جو پتي امر ۽ شاموءَ جي ڌيءَ جيوتي جو ملڻ هن ڪهاڻيءَ ۾ اٿي ٿو. شاموءَ ١٢ سالن جي ٻالڪا جيوتيءَ جي شادي ڪري سماج ۾ ۽ ڌيءَ جي نظرن ۾ ڏوهاري ٿيو ۽ شانتي، اُن جيوتي کي، جيڪا هوءَ بالغ ٿيڻجي ٿي اُن کي پنهنجي پتي امر سان پرڻائي، سماج مان اهو داغ مٽائڻ جي اخلاقي همت ڪئي ۽ سماج جي اندر شرڌالن جون اکيون ٿي کولي ۽ جيڪا ڪرسم اڄ ڏائين هن سماج ۾ هلندي ٿي اچي اُن جون پاڙون پٽي ڪڍڻ لاءِ سهڻو مثال پيش ڪري جڳ هوءَ پڇي رهي آهي ته. ٻال - وواھ روا آهي؟ ٻال - وڌوا بالغ ٿيڻ تي ٻيا ڪاڻ، وڌوا شادي ڪندي ته آسمان ڦٽي ڪري پوندو؟

لاءِ ڪي ٻيون ڇوڪريون ڪٿيون ڇا؟ تون رڳو ھا ڪر، پوءِ ڏس ڪھڙا ٿي گھر ڏسيانءِ. ھا، ھو ڪتل شامو لوڪي ڇا مڪانيندو؟ جھمت ماءُ ھڪ اٺ وٺندڙ ڦتاڪو ڇوڙيندي چيو.

جھمت ماءُ، تون ڇوھان ٿي جيولي وڌوا آھي. پر لوڪي اھا خبر ڪانھي تہ ھوءِ وڃاري شادي شده ھوندي بہ ڪنواري آھي. ھن پنھنجي جيون جي خوشيءَ جون صرف ٻارھن ڏيھاڙيون ڏٺيون. ان کان پوءِ سماج ھن کي ڏنو ٿي ڇا؟ اھو ئي وڌواپڻي جو داغ نہ؟ پيچ شامونءَ جي دل کان جيڪو پنھنجي ڏال جي وچن پالڻ ٿي پڇتائي ٿو. ڀڳوان شامونءَ کي ھڪڙي ئي ڌيءَ ڏني، پر ان سان اھڙو ظلم ڪرڻ لاءِ تہ نہ چيو؟

شانتي، ھي سڀ تون ڇا ٻيٺي چوين؟ شانتيءَ چيو ھا، جي لوڪي جيوليءَ جي آمر ڪھاڻي ٻڌڻي ھجي تہ ٻڌ.

جيولي اڃا ٻن سالن جي مس ھئي تہ سندس ماءُ گذاري، کيس گود ۾ کڻي، پنھنجي گھر سامھون رھندڙ، گھنشيامداس جي گھر وڃي پنھنجو وقت پاس ڪندي ھئي. جيولي بہ الي ڏاڍو خوش ولڻي ھوندي ھئي جو الي کيس راند ڪرڻ لاءِ وڃھ ملندو ھو. گذرندا خوش ھئي تہ ھن ڀھاني ٻارن کي راند بہ

ٿي اڄ منهنجو ڏال وڃڻ پورو ٿيو. اڄ مان ٻڌون
رت پتورا ناري چوانڻ جي لائق آهيان. پڻ مان
ٻچوان در هميشه ٻيڻي ٻاڏائيندي هئس ته. ٻچوان
مونکي هن سنسار ۾ ٻيهڻ ڏ. جيسين منهنجو امر
ميجر ٿئي. اڄ جي ٻچوان مونکي ٻاڻ وت گهرايو ۽
۽ مان ٻاخوشيءَ ويندس ....“

”هيءُ ڪهڙا ٻيڻي خيال ڪرڻ؟ امر کي شادي
۽ ڪراءِ، پوءِ ٿو ٿيون ته ڏس، اجان انهنجي هن
دنيا ۾ ڏاڍي ضرورت آهي“ جهمت ماءُ شانتيءَ
کي اٿ ۾ ڪٿهندي چيو.

ها، هن دفعي امر ايندو ۽ ضرور کيس شادي
ڪرائيندس. وڃاري جيولي ۽ ٻلا هنجو ڪيترو
انتظار ڪندي؟

جهمت ماءُ چيو، ”جيولي؟ ڪهڙي جيولي؟
هوءَ شامونءَ جي ڌيءُ چا؟“ شانتيءَ چيو ها ها
اهائي جيولي. چا ته چوڪري آهي، ڀلي ته مانٽن
چٽي، جهڙي سهٽي ۽ سيلونتي تهڙي ٿي اڇٽن ۾
ڀرپور. ڳالهائي ٿي ته چڻ واه مان موٽي ٻيا ٿڪدس.
هڏ ٻچي، هر ڳالهه ۾ هوشيار. پڻ مان ته ڏاڍي
خوش نصيب آهيان جو اهڙي نهن ٿي ملي.

۾ هوءَ ته وڏوا آهي! انهنجو امر هڙو ناهوڪو
جوان انهن الاءِ ڏو وڃي جيولي چوانڊي آهي؟ امر

ڪندي ٻڌي ڪائـي ڇڏيو. شامون اوچتو گهرون نڪتي لاش مٿان ڪري پيو ۽ ننڍڙيءَ جيوليءَ جـو ته حال ئي نه پڇو.

وقت گذرندو رهيو ۽ شامونءَ، جيوليءَ جي سک خاطر ٻي شادي نه ڪئي جو ڪيس مائيلي ماءُ جـي ڪارنامن جي پليءَ پاڻت جاڻ هئي. جيولـي اڪثر ڪملا جي گهر وڃي ويهندي هئي ۽ ڪملا ٻـ ڪيس ڏاڍو چاهيندي هئي. جيولي اڃان ١٣-١٤ سالن جي مس هئي ته سندس شادي وچـن موجب وڃڻ سان ڪرائي وئي.

جن ٻارن کي شاديءَ جي ٻنڌڻن جـي ڪا سڌ ٻڌ نه ڪاڻ هئي، انهن کي شاديءَ جي ڏور ۾ ٻڌڻ جو پاپ ماڻٽن ڪيو. ٿيءَ سمجهيو ته مون ٻهڻجي جيڙري ٻار لاٿو ۽ ڪملا سمجهيو ته مون ٻاڙي ڪٽي جو جيوليءَ جهڙي سهڻي سٺي نهن ملي. ٻر قدرت جي قهر جي ڪنهنکي ٻ جاڻ ڪاڻ هئي.

هڪ ڏينهن شامونءَ وٽ هڪ ماڻهو ڀڪندو آيو ۽ اچي ٻڌاپائيندس ته وڃڻ کي مغزي اٿار ٿي پيو آهي ۽ گهڻشيامداس ۽ ڪملا ڪيس اسٽال ڪٽائي ويا آهن. شامون ٿهران ته گهر ويو جتي جيولـي روئي رهـي هئي، هن ڌيءَ کـي دلاسو ڏنـو ۽ ٻڪدم اسٽال ڏانهن ڀڄو جتي وڃڻ جي چوطرف ڏاڪٽرن ۽ نرسن

ٿي ملي ۽ اُن لاءِ ٻه چار ڳالهيون ڪري ٿا تنهن پاس ٿيون ڪيون. ها، سو ڇا؟ جهٽ ساءِ اڳڙو سوال ڪيو. جيئن تہ جيولي تمام سهڻي ۽ وڻندڙ هئي، هوءَ ڪملا کي پيھد وڻندي هئي. هڪ ٻري ڳالهين ڳالهين ۾ ڪملا، ڪرشنا کي چيو، سونگي وجهه لاءِ جيولي کپي. ڪرشنا ان کي مذاق سمجهي چيو، ها ها، تون کي وري وجهه ڪان سنو ٿيو گهڻو ناني ملندو؟

ان ڏينهن ڪانپوءِ ڪرشنا، ڪملا جي گهر نہ وئي. هڪ ڏينهن گذريو، ٻيو ڏينهن گذريو، جڏهن ڪرشنا ٽئين ڏينهن بہ نہ آئي تہ جڏهن ڪملا کي خيال ٿي ٿيو، ڪملا، ڪرشنا جي گهر وئي تہ ڪرشنا ڪني استري تي ٻوٽيون پساه ڪڍندي ڏٺو. ڪملا جي آواز تي ڪرشنا اکيون کوليون ۽ چيو، "ڪملا! سنو ٿيو جو تون اچي وئين. پيٽ ماں تہ هي جيون سفر پورو ڪري وڃي رهي آهيان، پر تون پڇڻجو وچن نياءِ ج. جيولي لهڻجي وجهه جي آهي. تون سونگي انجام ڏي تہ تون جيوليءَ کي پڇڻجي ٿهن پٺاڻيءَ، ساءِ جهڙو پيار ڏيندين. پيٽ وقت تمام گهٽ آهي. ڪملا جي اکين ۾ آب اچي ويو ۽ ڏڪندڙ چپن سان ها ڪيائين. هاڻي ڪرشنا جا هٿ، جيڪي ڪملا جي هٿن کي پڪڙي ويٺا هئا، سي ڍرا ٿيا ۽ هن پڇڻجو

اندر پڻ جا نظارا ڏسڻ لڳا. امر پڇيس ”جيولي تنهنجي
اکين ۾ آب ڇو؟ ڇا تون مونکي پنهنجي لائق نٿي
سمجهين؟“ جيوليءَ سندس وات تي هٿ رکندي
چيو، ”نه نه امر ائين نه چئه، حقيقت ۾ مان تنهنجي
قابل نه آهيان.“

امر حيران ٿي پڇيس، جيوت! هي تون ڇا چئي
رهي آهين؟ ها امر مان ودوا آهيان. امر چيو، پر
تون ته سالن کان مون سان گڏ پڙهندي آئي آهين،
پوءِ تنهنجي شادي ڪڏهن ٿي؟ ۽ جيوليءَ کيس
سڄي واردات کان واقف ڪيو.

امر جون اکيون ڀرجي آيون ۽ هن چيو، ”تون
ودوا ڪونه آهين.“ تون سهاڳڻ آهين. ٻچپن جي
شادي ته ڪا شادي ٿيندي آهي؟ بال - ودوا کي
ڪنواري ڪنيا جيان شادي ڪرڻ جو حق آهي. ان
ڪري اهو ته جڳ سڀني ۾ شاديءَ جو سانگ هئو.
امر جيوليءَ جو هٿ پڪڙيندي چيو: ”مان تو سان
شادي ڪندس، تنهنجي سيند ۾ سندور ڀريندس.“

هڪ دفعي، امر کيس گهر وٺي آيو. کيس ڏر
پنيان ڀاري ڇانئين، امان! اڄ ڀڳوان مونکي وڏان
ڏنو آهي، هاڻي ٻڌاءِ ته توکي ان ۾ ڇا ڪهي؟

پٽ، مان ڇا گهرندس، بس هڪ ٿهن آٿي ڏي
ته مان آرام ڪريان، ڏاڍي ٿڪجي پيئي آهيان ۽ هن

جو حشام اٿيو هو. وجهه استري جي ٻيهوش ٿيو هو.
گهنشيامداس شامونء کي ڏسي روئڻ لڳو ۽ ڪملا نه
جنسي ٿاڳل ئي چڪي هئي. ورلاپ ڪري ڀڳوان
کي ٿاڏائي رهي هئي ۽ ڊاڪٽر کيس آٿت ڏئي
رهيا هئا. اوچتو وجهه جو ڪنڌ ٿر ڪجهي ويو.
هيٺرن ماڻهن جي وچان ڪال ڊيوتا ٿنهنجي جيت جو
بغل وڄائيندو هليو ويو.

ڪملا زار زار روئي رهي هئي ۽ وٽر جو جيولي
ساٿس گڏي ملي ته وڏ ٿڪ ئي رائي.

شامونء ڏٺو ته هاڻي جيوليء جو هن گهر ۾ رهڻ
محال آهي سو ڪجهه ڏينهن ٿچاڻان هؤ کيس ٿنهنجي
گهر وٺي آيو. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ کيس خبر
پيئي ته گهنشيامداس ۽ ڪملا جي دل نه لڳڻ سبب
هو شهر ڇڏي هليا ويا آهن.

هاڻي شامونء ٿي ڪا واهه نه ڏسي، جيوليء کي
نئين جيون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. کيس ڪاليج ۾
داخلا وٺي ڏني. قدرتي مهنجو امر پا ان ئي ڪاليج
۾ هو. ڪاليج ۾ گڏ پڙهڻ ۽ اچڻ وڃڻ ۽ سٺي هلت
چلت جي ڪري جيولي امر جي دل ۾ ٿهنجي واٽي.
هاڻي هو جيوليء کي چاهڻ لڳو. هڪ شام هن
جيوليء کان پڇيو، "تون مونسان شادي ڪندينء؟"
جيوليء جي اکين ۾ نير ٻار جي آيو. سندس اکيان

ھڪدم چيو "لتا اسٽو" ۽ ٻه جيوليءَ کي وٺي آيو. گهر ۾ گهڙندئي ڄڻ نئين ٻهار اچي ويئي ۽ اونداھيءَ ۾ سوجهرن جي روشني چمڪڻ لڳي. امر مون کي جيوليءَ جي ٻاري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايو ۽ اھو سڀ ٻڌڻ سان جيوليءَ جي لاءِ مھنجي دل ۾ پيار جو سمنڊ ڇوليون مارڻ لڳو.

پيٽر اسانجي سماج ۾ ڪي ڪرسمون آھن جيڪي اسانجي ٻارن سان قهري ظلم ٿيون ڪن، تون ئي ٻڌاءِ ته ڇا ھيءَ ڪهڙي ڪلي خوشبوءِ ڦهلائڻ کان اڳ ئي ڪومائجي وڃي؟ اسانکي سماج ٻدلائڻو پوندو ۽ پنھنجي دل وشال ڪرڻي پوندي.

جهمٽ ماءُ جون اکيون ڳوڙھن سان تر ھيون. ھن رئي جي ٻلاند سان اکيون اگهندي چيو، "ڌيءَ آھين تون پيٽر! تون ته استريءَ جي روپ ۾ ساکيات ديوي آھين." شل اڌهنجي امر ۽ جيوليءَ جي جوڙي امر رھي، مھنجي آسيس آھي ھن جوڙي کي. ڇگو پيٽر ھلان ٿي. انھن ڇٽي جهمٽ ماءُ ھلندي ٿي.

فرض

ساوڻ جو مهنو هئو ۽ منجهند جو وقت، اوساس جي سخي سخي اسوند چوطرف چڻ جهومر لڳائي ويٺي هئي، هڪ وڏي مڪان جي هڪ اندئي ڪمري ۾ نواهر جي کٽ تي هيرالعل هڪ سنهڙي اسٽري تي پراڻي چادر ۾ ڍڪيل، نڙهال اکين ئي لڳو چڻ سندس شرير جو رت بلڪل سڪي اغائب ٿي ويو هجي ۽ ان جي جڳهه تي پاڻي وهي رهيو هجي. سندس چهرو زرد ۽ سرُ هڏائو پڃرو ٿي لڳو. سندس اکيون مٿهن ۾ اکين پيهي ويون هيون چڻ انهن جي جوت اجهامي چڪي هئي. سندس کٽ جي ڀر ۾ هڪ پراڻي ٽيبل جنهن تي هڪ پاڻيءَ جو لوٽو ۽ ڇپو گلاس پيل هئو. اوچتو هيرالعل خوب کنگهڻ لڳو ۽ کنگهندي کنگهندي هن پاڻيءَ جي لوٽي ۾ هٿ وڌو جيڪو بلڪل خالي هو. هن پنهنجي سڪل چپن لسي چپ ڦيرائيندي ڪمزور آواز ۾ سڏ ڪيو، "رڌا او پٽ رڌا اسرو پاڻي ڏيندينءَ؟" پر موٽ ۾ ڪيس ڪو جواب ڪونه مليو. هن وري پڪاريو "راجو او پٽ راجو اسرو پاڻي ڏ ڏي، جواب ندارد". اڄ سندس کنگهه اسا

فرض

مائٽ اولاد کي پالي ٿا ڪن ارمانن سان، پر اولاد وڏو ٿي پنهنجا فرض سڀ ڀلجي وڃي ٿو. هيرالعل رميش کي اهڙن ارمانن سان پاليو ٿو. هو سندس پڙهائي جي لئه پٽيو پر رميش پنهنجي پيءُ کي بيماريءَ ۾ پاڻي پيارڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي. هيرالعل جو پاڻيءَ جو لوٽو خالي آهي. هوُ جيئن ئي پاڻي ڀرڻ لاءِ اٿي ٿو ته نوڪر ڪاني ڪري ٿو پوي ۽ سندي پيرن کان مڪمل ٿي ٿو وڃي. آخر رميش کي احساس ٿو ٿئي ته ڪٿي سندس پٽ راجيش به ڪڏهن هن سان اهڙو سلوڪ نه ڪري؟

آخر هوُ پڇتاءَ جا ڳوڙها ٿو ڳاڙي.

مٽڪن کي هٿ لائيندو ڪري، پاڻهي اسونکي پاڻي
ملي ويندو.

هيرالعل جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا، هن مدهن ڀائي طرف ڪري اکيون اکيون پر جيڪا ڳڻڳا هڪ وار ڀهڻجو وهڪرو شروع ڪري چڪي هئي تنهن کي ڀلا جهلي ڪيئن اهدي؟ اڄ کيس ڏيوڪيءَ جي ياد ستائڻ لڳي. هوءَ سندس ڪيتري نه عزت ڪندي هئي. ڪيتري نه شيوا ڪندي هئس. جڏهن کيس زور ڏيڻ وهندي هئي ته هيرالعل چوندو هئس، تو نه موڪي جوانيءَ ۾ ٿي پيو ڪري ڇڏيو آهي. ان تي ڏيوڪي کلي چوندي هئس منهنجا زور ته فقط توهانجي اڳيان ڪجهه. وقت وهڻ جو هڪ پهاڙ آهي ۽ هيرالعل زال جو اهڙو قرب ڏسي جڏ ڪڙن ۾ ٿي ته پيو مانيندو هو. هيرالعل کي پنهنجي سونهري سنسار اي ڏاڍو ناز هوندو هو. سندس گهر ۾ هئي ڏيوڪي، لاڏلي ڌيءَ راڌڪا ۽ ونش جو چراغ رميش. پارن ۾ سندس پيڪد موه هئو، پارن جي خوشيءَ خاطر هو آسمان جا تارا ڀ لاهڻ لاء تيار ٿي ويندو هو. کيس ڪڙي جو دڪان هئو ۽ مارڪيٽ ۾ سندس چڱو خاصو نالو هئو. هو وشواس کي ڏاڍي اهميت ڏيندو هو ۽ سندس لين دين ۾ ان آڌار تي هلندي هئي.

راڌڪا ۽ رميش جي پالنا ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان

جڳ سندرو ٻڌي بيٺي هئي جو ٻڌ اُن جو آلاپ ٿي
ڏسي رهي. ٻيڙو ۽ وڃارو نيٺ آهستي آهستي ٻيهڙي
ٻيٽري تي آئي وڃو ۽ کٽ ڏسان ٻيڙ هيٺ لڪائي
چپچاپ ٻالائين ۽ آهستي آهستي اُن جي ڪوشش ڪيائين
پر اُن ۾ ناڪامياب ٿيو. هوُ وري ٻاڏاڻ لڳو ڀڃتا ٻت
ٿورو پاڻي نه ڏي. ڪنگهه جي تيز آواز تي ۽ ڏاڏي جو
ٿڌل آواز ٻڌي اُنهيءَ واڄوُ ٿپ ڏيئي اٿيو ۽ وڏي
واڪي چيائين: ”ٻابا مان اچان ٿو. واڄوُ جو آواز ٻڌي
ڀڃتا ننڊ مان جاڳي پيئي. هن خفي ٿيندي ٻر ٻر ڪئي
۽ واڄوءَ کي اُن طرف وڃڻ کان روڪيو ۽ پاڻ اڳيان
وڌندي چيو، آهي ڇا؟ منجهند جو آرام به نصيب
نٿو ٿئي. مان نه اچي ٿڪي آهيان. الائي ڪڏهن جان
ڇٽندي، اچان ھاڻي ته هن پيءُ کي ماني کارائي
وڃي ليٽي هئس ته هن کي آرام ڪٿي آهي. ڏينهن
ڏڙو ڏڙ لڳي پيئي اٿس ۽ غصي مان ڏڙ ڪري ڇڏيائين
ڇا ڪهڙو؟

هيرالعل ليلائيندي چيس ته مان لاچار آهيان
ڪڏهن ٿو لوڪي تڪليف ڏيان، ڇا ڪريان ٻڍوان به
منهنجا ٻر ڪٿي ڇڏيا آهن، جو ٻين جو محتاج ڪيو
اٿس. مون نه پاڻهي اٿي ٿي پاڻي پي ٻير اٿي نه
سگهيس. ڀڃتا زهري ڏنگ هڻندي چيو: ”نه، نه،
ٻوڪي اُن جي ڪا ضرورت ڪونهي ۽ تڪو لون

۽ ڏٺي ڇڏي. راڌڪا جي ان موت ڏکوئيءَ کي
هڪ زبردست صدمو ڏنو ۽ هارٽ اٽيڪ اچڻ سبب
جلد ئي هوءَ به وڃي راڌڪا سان ملي. هاڻي بس
هيرالعل ڪنهن به ڪم ۾ من نه لڳائي سگهندو هو.
جڏهن راڌڪا جي شاديءَ ڪانهوءَ سندس قسمت پلٽو
ڪاٽي ولٽي هئي. سندس ڌنڌو ڏينهون ڏينهن ٻڏو ليٽڻ
پٽ پوندو ويو ۽ آخر هڪ ڏينهن هن دڪان وڪڻي
وڃي ٻئي وٽ نوڪري ڪئي. ڪيس انهن پاسڻ لڳو
جڏهن سندس پڙهي پاڻهن جو پل راڌڪا ۽ ڏکوئي
هيون جي سڄي شڪتي ڪاڍس ڪسي هليون ويون.

ڪجهه وقت ڪانهوءَ رميش ۽ ليلا سان پيار جي شادي
ڪري آيو، ته مڙئي مصيبتن جو پهاڙ هيرالعل مٿان اچي
نازل ٿيو. ڇونڊا آهن ڪنهن جي آئي ته ڪنهن جي
جائي. ۽ پيٽا جي گهر ۾ گهڙڻ شرط هر طرف اشانتيءَ
جو ماحول نظر ايندو هو. ڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي
ڪٽ پٽ ته ڪڏهن ڪا نقطيچيدي. ڪڏهن ڪاڌي تي
ڏت پٽ ته ڪڏهن ڪاڏو مهل تي نه ڏيڻ وغيره. هاڻي
هيرالعل جي زندگيءَ ۾ سڀئي زهر جهڙو وري. هو
پڇيندي ٿي گهر ۾ ٻاڻ کي هڪ قسم جو بار سمجهڻ
لڳو. ايڪانت ۾ ويهي هُو ڏکوئيءَ کي ياد ڪري
گونگا ڳوڙها ڳاڙيندو هو.

ڪنهن وقت شام جو ٻاهر نڪري ڊل وندرائڻ لاءِ

ٿيندي هئي، ٻئي ٻار شڪل پڪش جي چندرما وانگر وڌڻ لڳا. راڻڪا جهڙي سندر هئي، تهڙي ئي سگهڙ هئي. جنهن ڌيءَ کي ٻلاد ٻوڪي جهڙي ماءُ ملي سا گهٽ ڪيئن ٿيندي؟ پر نياڻيون سڀ پرائو ڌن ٿينديون آهن. هيرالعل کي نرپندر نالي ڇوڪرو ڏٺو پسند آيو ۽ هن راڻڪا جي شادي ان سان گهڻي ڌام ڌوم سان ڪرائي.

نرپندر کي پيءُ ڪونه هو ۽ هو ڏسڻ وائسڻ جو ڏاڍو ٺاهوڪو جوان هو، سندس ماءُ اُن کي اهڙو اڻ وهارو هو جو هو ماءُ جي ڪنهن به ڳالهه جي مخالفت نه ڪري سگهندو هو. شاديءَ کانپوءِ نرپندر جي ماءُ جي راڻڪا جي مائٽن جي ملڪيت ۾ اک هئي. ان ڪري هوءَ هر روز نرپندر کي ڪا نه ڪا فرمائش ڪرڻ لاءِ چيڙائيندي هئي. پر جي ڪا فرمائش نرپندر جي پوري نه ٿيندي هئي ته، اُن جي عيوض راڻڪا ئي ظلمن جي پرساٽ وسندي هئي. اِنهن ظلمن جي ڪري راڻڪا اندر ئي اندر ۾ جهرڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي هئي ته ڪاش منهنجي سس کي به ڌيءَ هجي ها؟ يا ڀڳوان هن دنيا ۾ ڌيئرن جو نالو نشان به نه آڻي ها ته ڇوڪرن جي نڙن جي خبر پئجي وڃي ها. روز روز جي ان ٻاٽ ۾ سڙڻ کان هن هڪ ڏينهن ۾ پڪو نشچو ڪري پنهنجي آتولي اگهيءَ

ٿي سُتيو پيو آهي ۽ راجيش کان ليلائي پاڻي گهري
رهيو آهي. پر راجيش پاڻيءَ جو لوٽو ڀري کيس ڏيڻ
جي بدران سندس سامهون هاري هليو ٿو وڃي، رميش
غصي ۾ اچي، راجيش کي چماٽ اُلاريندي چيو ته
تون پٽ آهين؟ مون توکي ان وقت لاءِ جنم ڏنو؟
هي ڏينهن ڏيکارڻ لاءِ پاليو؟ ياد اٿيئي اڄ رات جو
۽ ننڍ ڦٽائي مان توکي گهڻا دفعا پاڻي پياريندو هوس
۽ هينئر جڏهن تنهنجو فرض پالڻ جو وقت آيو آهي
ته تون مونکي سڪائين ٿو. راجيش کلندي جواب
ڏنس بابا توهان ته مونکي پاڻي پياريو، پنهنجي پيءُ
کي ٿورو ئي، مان به پنهنجي پٽ کي پياري توهان
جهڙو فرض پاليندس. رميش جي غصي جو پارو چوٽ
چڙهي ويو، هن چاهيو ٿي ته راجيش کي خوب مار
ڏيان ۽ جيئن ئي سندس طرف وڌيو ٿي ته پيرُ ٿڙڪي
ويس ۽ ڪري پيو، ڇرڪ ڀري سندس اک کلي ويئي.
هن واڳُوڙن وانگر چوطرف نهاريو، ڪمري ۾ صرف
اونداهه هئي، کيس ياد آيو ته رات ۽ راجيش ته ٻارڪ
۾ ويا هوندا. هاڻي سندس وڏڪ کيس خوب ڏڪارڻ
لڳو، هو زور زور سان واڪا ڪرڻ لڳو ته ٻئي ٻڌڻ لاءِ
ڪير ڪونه هو. هو لڏونڊو پيءُ جي ڪمري ۾ پاڻيءَ
جو لوٽو کڻي آيو ۽ پيءُ کي آهستي پر ٻهل آواز ۾
سڏ ڪيائين بابا - او بابا. پر شايد هاڻي هيرالعل کيس

پاڻ جيڏن سان وڃي ويهندو هو ۽ اُني سندس اُهن
پٽ جي ڏنگاين جون ڳالهيون ضرور نڪرنديون هيون
جي هن کان سڻيون نہ وڻنديون هيون. انڪري هن
اها وندر بہ ڇڏي ڏني. وٽس اچ رهڻ کيس ممڪن
کي ٿي همت لائڻ کان منع ڪئي ۽ هو پاڻ کي بدنصيب
سمجهڻ لڳو. هو سوچڻ لڳو منهنجو ئي گهر منهنجي
لاءِ دشمن آهي.

شام جو رميش جيئن آفيس مان آيو ۽ پٽس ڪمزو
آواز ۾ سڏ ڪيس، پر هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو
پنهنجي ڪمري طرف هليو ويو. پيڙي کي ڪافي
صدمو رسيو. وري بہ دل نہ رهيس ۽ رميش رميش
ڪري پڪارڻ لڳو. ٿوري وقت ڪانپوءِ رميش پيءُ
وٽ آيو. پٽ، جڏهن راجيش منهنجو پٽ آهي ۽ توکي
راجيش سان دل وندرائڻ جو حق آهي، اهڙي ر
تون بہ منهنجو پٽ آهين، ڇا مونکي توسان پـ اک
ڳالهائڻ جو حق ڪانهي؟ ڇا مون توکي پالڻ ۾ ڪ
ڪسر ڇڏي آهي پا پنهنجو پيار ڏيڻ ۾ ڪا ڪمي
ڪئي آهي. هيرالعل جي دل پرچي آئي ۽ هو وهائي
۾ مٿهن لڳائي خوب روئڻ لڳو. رميش ان ڪنهن
بہ ڳالهہ جو اثر ڪونہ پيو. هو آئي همت مٿهن ٿوري
چانهہ جو پيالو پي آرام ڪرڻ لاءِ ليٽي پيو.

رميش ڏٺو ۽ هو پاڻ ساڳي ئي پيءُ واري ڪم

جواب ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. هن وري سڏ ڪيو پر جواب
ندارد. نيٺ پيءُ کي ڏونڌارڻ لڳو، پر ان سرد سرير
کي هو ڏونڌاري اٿاري نہ سگهيو. شايد ڏيوڪي
پهچڻ پٽيءَ جي هيءَ حالت سهي نہ سگهي ۽ ان
ڪري ئي ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ورتائين

رميش پيءُ جي مُرڪ شرير کي چنبڙي خوب
روئڻ لڳو. آواز ٻڌي پاڙي اوڙي وارا ڊڪندا آيا. هي
نظارو ڏسي هڪ پاڙيءَ جي وات مان نڪتو "رميش
او ڏاڍي ڏاڍ ڪئي، هن دنيا ۾ جيڪي لوڻ پوکيندا آهن
سوئي لڻندي". اولاد مائٽ جو ڪيترو به قرض لاهڻ
چاهي پر لاهي نہ سگهندو، پر هو ڪڏهن جي اڌڪار
آهي. ويچاري هيرالعل جي نصيب ۾ شايد اولاد جو
سک لکيل نہ هو، ويچارو وڃي سڪيو ئيو. رميش پيءُ
جي لاش کي ڏسي ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو جڏهن هن وٽ
ٻيو ڪو به وسيلو نہ رهيو صرف پرائشچت ڪرڻ جي.

امان ڏيئو ٻار

سيتا ڏيئو ڪڍي اچي در تي رکيو ته پاڙي جا ٻار ورائي وٺس، "امان، امان! هيءُ ڏيئو ڇو ٿي رکين؟ اڄ ڏياري ته ڪانهي پوءِ هي ڏيئو در تي رکي ڇا ٿي ملهائين؟ ڇا اڄ لڪشمي لوهاڻن جي گهر ايندي؟"

سيتا جي اکين مان آنسن جي جل ڌارا وهي نڪتي ۽ ٻارن ڏانهن نهاريندي چيائين، "ها پٽ اڄ منهنجي گهر ڏياري آهي." ننڍڙو شامون اهو ٻڌي اڳيان وڌي آيو ۽ چيائين، "پر اسانجي ممي ته ڏيئو ڪانه ٿي ٻاري ۽ ڦٽاڪا به نٿي وٺي ڏني، ڀلا هيءَ ڪهڙي ڏياري آهي؟"

سيتا کيس ڳراٺڙي پائي کيس پنهنجي گود ۾ وهاريو ۽ چيو، "پٽ اڄ رڳو منهنجي ڏياري آهي ۽ منهنجي امر جو جنم ڏينهن. شامونءَ اڌ ۾ ٿي ڪٽيندي چيو اما ڪهڙو امر؟ امان ٻڌايو نه؟ ڏيکاريو نه ڪهڙو امر آهي؟" سيتا جڻ خوابن جي دنيا ۾ پهچندي چيو، "امر، منهنجو ننڍڙو امر. سچ پچ هو امر ٿي ويو." شامونءَ وري چيو، "امان ڪهڙو امر، ڏيکاريو نه؟"

امان ڏيو ٻار

سيتا امر جي ماءُ آهي. هن جو گهوٽ فوج ۾ ميجر هئو. هڪ ڏينهن ڪيس پنهنجي پٽ جي شهيد ٿيڻ جي خبر ملي ٿي. جنگ تي وڃڻ کان اڳ هو سيتا کان انجام وٺي ويو هو ته هوءَ پنهنجي لعل کي به هن وانگر وطن جو پاسبان ٺاهيندي. سيتا پٽ جي وچن کي پاڙي ڏيڻ لاءِ پٽ کي فوج ۾ ڀرتي ڪرايو. سندس هر جنم ڏينهن تي هڪ ڏيئو ٻاري در تي رکندي هئي، جو اها سندس پٽ جي خواهش هئي. امر سچ پچ جنگ ۾ امر ٿي ويو پر سيتا سالن کان اُن ڏيئي ٻارڻ جي رسم نه وساري.

اهڙي هئي ساهسي ديش ڀڳتڻ، صبر جي ديوي سيتا!

۽ هڪ ديش ڀڳت جو ڀت ديش ڀڳتيءَ تي اپڻ ڪجي.
تون مونکي وچن ڏي ته تون ان کي منهنجو رستو
نه ڏيکاريندينءَ ٻيو ڪوبه نه. مون چيو ته نه اهڙو
ظلم مونسان نه ڪريو، توهين ته مونکي اڪيلو ڇڏي
هلي ٿا وڃو. بس جيئڻ لاءِ هڪ ڪرڙو اڃا نظر آيو
آهي، ڇا ان کي مان پاڻ کان ٻري ڪريان؟ اهو مون
کان ٿي نه سگهندو.

امر جي پيءُ چيو، "ڏس سيتا تون سوچ، هيءُ
مٽيءَ جو پتلو ته ناسونت آهي، ڪوبه انسان دنيا ۾
سدائين زنده رهڻ وارو ڪونهي، مري وڃڻ ڪان ته
سٺو آهي، ديش جي صدقي تي امر رهجي. هونءَ
ته لکين ماڻهو ديش ۾ جمن ٿا ۽ مرن ٿا، ڇا لوڪـان
هيمون ڪالاڻي وسري ويو؟ سردار ڀڳت سنگهه ۽
آزاديءَ جي پهرين آهوتي منگل پانڊي وسري ويا؟
ڇا انهن کي مائرون ڪونه هيون؟ پر هـا فرق ايترو
آهي ته انهن مائرن ۾ ڀارت ماتا لاءِ عزت ۽ پيار هو ۽
تو ۾ پنهنجي جگر جي ٽڪري لاءِ موه آهي."

منهنجي دل ان وقت ٻرجي آئي ۽ مون پنهنجي
پتيءَ جي انهن اکرن ۾ پنهنجو ايمان سمجهيو ۽ هڪدم
پاڻ سنڀاليندي چيومانس، "سوامي مان پنهنجو فرض
پالجي وئي هئس. توهان منهنجي اکين جو پڙدو لاٿو
آهي." مان ضرور توهان جي لعل کي سـوهان وانگر

سيتا چيو، ”جيڪو امر آهي تنهنجو ٻالو ٻہ امر آهي.“ شرير تہ ناشونت آهي، ان لاءِ ڪهڙو ڀاءُ ۽ سنديس ڳوڙهن جو ٻند ٽٽي پيو. ٻار هيٺين چپ ٽي ويا. سيتا ڳوڙها اگهي، شاهوڻ کي گلي لڳايو ۽ چيو، ”چڱو ٻچڙا تہ ٻڌايانءِ. مٿان لوهان مان ٻيو ڪو امر جهڙو نڪري؟“

امر مهنجو هڪڙو ئي سڪيلڌو پٽ هئو ۽ ڪيترن آسن ۽ اميدن کان پوءِ ان کي مون پاتو هو. سنديس پيءُ فوج ۾ ميجر هئو ۽ کيس گهر کان وڌيڪ پنهنجي ديش سان لڳن هئي. هو پنهنجي خون جو هر قطرو ديش مٿان قربان ڪرڻ لاءِ هردم تيار رهندو هئو. ان ڪري هو گهر ۾ تمام گهٽ ايندو هو. هڪ دفعي هو پنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ ويٺو هئو تہ کيس ٻہ ٽارون گڏ مليون. هڪ مهنجي بيماريءَ جي ۽ ٻيءَ ۾ لڙائيءَ جو پيغام هئس. ٻہ فرض گڏ هئس. هن مهنجي فرض کان وڌيڪ ديش جو فرض سمجهيو ۽ هوءَ اوڏانهن هليو ويو. مان پل پل سنديس واٽ ۾ پنهنجيون اکيون وڇائي ويٺي هئس. اٽڪل پندرهن ڏينهن کان پوءِ هو پنهنجو ٻهراون فرض پالي مون وٽ پهتو. ڊاڪٽر کيس ٻڌايو تہ مان ماءُ بڻجڻ واري آهيان. اهو ٻڌي هو تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ هن ڏاڍي چاهہ مان چيو، ”سيتا ڀڳوان ڪندو تہ مهنجي نشانيءَ طور ٺوڪي لعل ڏئي ملندو

ساڻگي نڪتس. امر به همت جهلي مون سان نڪتو. امر
هڪ دڪان جي اڳيان بيهي رهيو ۽ سامهون دڪان
۾ پيل بندوق طرف اشارو ڪري چوڻ لڳو ته "اها
ڪهڙي" مون ڪيترن ڀيرن ڳالهين ڏانهن سندس ڌيان
ڇڪايو پر هو ٻار نه آهي، نيٺ بندوق وٺي ڏنيمانس،
گهر اچي هن جون ڳالهيون ٻڌي مان حيران ٿي ويس.
سامهون گڏيون رکي انهن کي بندوق جو نشانو بيو
ڪري ۽ "هندستان جي جئه" جا نعرا پئي هڻيائين.
ڪنهن وقت منهنجي لوٽاري وڃائي بيو ٻڪي. ان
ڏينهن ڪانپوءِ مون پڪو ارادو ڪيو ته مان امر کي
سندس ٻيءَ جي جيون کان ضرور واقف ڪندس.

رات جو اڪيلائي ٻڌائڻ وقت مان کيس سندس ٻيءَ
جي جيون جو هڪ نظارو ٻڌائيندي هئس. هو انهن
ڳالهين ۾ ايترو ته مشغول ٿي ويندو هو جو ننڊ هن
کان ڪٿين ڪوهه پري ڀڄندي هئي.

هڪ ڏينهن امر ٻڪندو ٻڪندو آيو، ان ڏينهن
سندس چوڏهون جنم ڏن هو. امر چيو، "امان اڄ
منهنجو جنم ڏن آهي؟" مون کيس پيار مان چيو "ها
پٽ" هو هٿ ۾ هڪ ڏيئو کڻي آيو ۽ چيائين، "امان
اسان منهنجي جنم ڏن تي هڪڙو ڏيئو ٻار ٿي رکج !
مونکي منهنجي ڏيکاريل راهه روشن نظر ايندي ۽ دادا
جن دشمن کي نه ماري سگهيا هوندا، مان انهن کي

ديش رکشڪ ٿيائيندس. ڏهه ڏينهن رهي امر جو پيءُ جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي ديش جي رکيا لاءِ هليو ويو ۽ ويرگتي پاتائين. شايد پنهنجي آخرين خواهش مونکي پڙهائڻ ۽ انجام وٺڻ لاءِ ئي هو آيو هو.

پارهين جنوريءَ جي اها رات هئي، تڏ چوي اڄ ته پوان ته ڪڏهن پوان، اَن تڏ ۾ امر جو جنم ٿيو. هوءَ، هو اهو پيءُ جهڙو هو. امر جو سهڻو ۽ ڪشش ڪندڙ منهن ڏسي ڪڏهن وقت سندس فرض ۾ ياد آيو ته ڪڏهن ممتا جو موهه. امر کي گود ۾ کڻي مان ڪيترن قسمن جا پيار ڪرڻ لڳس. شايد هن ۾ منهنجي پاونا سمجهي ورتي هئي ۽ ٿورو مشڪيائين. گهر اچڻ تي مون سندس نالو ئي امر رکيو ڇو ته مون سوچيو ته مان پنهنجي شهيد پتار کي وچن ڏيئي چڪي آهيان. سوچڻ لڳس اڄ جي وقت گذرڻ سان پنهنجو فرض ته ڀلجي وڃان؟ امر جو نالو ئي مونکي پنهنجو فرض ياد ڏياريندو رهندو.

امر اڄ ننڍو سپاهي وڏو، هو چنڊ وانگر چمڪندو ۽ ڪڇيءَ جي وڻ وانگر وڌندو رهيو، پر عجب اهڙو جو سندس هلڻ چلڻ ۽ ڳالهائڻ جو ڍنگ. عين پٽس وانگر. ائين ٿي لڳو ڄڻ هو پيءُ جي ساکيات صورت هجي.

هڪ ڏينهن بازار مان ڪجهه سامان وٺڻ جي

ووڪ مونکي ڌڪاريو ۽ مان پاڻ کي شرمسار محسوس ڪرڻ لڳس.

امر سينا ۾ ڀرتي ٿيو، سندس بهادريءَ سان فرض ادائيءَ جي ڪري هنکي جلدي جلدي ترقي ملڻ لڳي. هو هر جنم ڏينهن تي مون وٽ ايندو هو ۽ مونکي ياد ڏياريندو هو، "امان ڏيئو ٻار ته، مان پنهنجي روشن راهه ڏسان." مان ڏيئو ٻاريندي هئس ته هو خوش ٿي مونکي ڀاڪر پائيندو هو ۽ چوندو هو، "امان تون ئي منهنجي رهنما آهين."

منهنجي امر جون ٢٥ بهارون گذريون ته مس ته اوچتو ديش تي دشمن ڪاهه ڪئي. لڙائي جو بگل وڳو. سڀني جوانن جا وار ڪڙا ٿي آيا، سندن رڳن ۾ نئون خون ڊوڙڻ لڳو. هر ڪنهن جوان وڃي پنهنجو پنهنجو مورچو سنڀاليو. منهنجو امر ته انهيءَ تاڙ ۾ هو ته دادا جو اڌورو ڪم پورو ڪريان. هو پنهنجي جهاز سان آسمان ۾ اڏاميو، هنکي ڪو هوش نه رهيو ته مان ڪٿي ٿو وڃان ۽ ڇا ٿو ڪريان. هو هڪ هو ۽ سامهون دشمن جا ٻن جهاز هئا ته به هن همت نه هاري. پنهنجين گولين سان هن دشمن جا ڏهه جهاز ڀارت ماتا جي گود ۾ ڦٽي ڪيا. آخر هڪ گوليءَ سندس جهاز کي نشانو ڪيو. هنجو خون ٽهڪڻ لڳو، هن جلد ئي اڪيل ٻن جهازن تي وار ڪيو. ان وچ ۾ سندس

ختم ڪندس. اس باقي ٻه سال مان تو وٽ رهندس."
مون چيومانس پوءِ "فوج ۾ ويندين." هڪدم چيائين،
"ها، مان فوج ۾ منهنجي دادا جو اڌورو ڪم
پورو ڪرڻ."

امر مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ ان سان گڏ هن جو ١٦
سال به پورو ٿيو. هو منهنجي پٺيءَ هيٺ ۾ ٻه اخبارون
کڻي آيو. هڪ ۾ سندس فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيڻ
جي خبر هئي ۽ ٻيءَ ۾ سينا ۾ ڀرتي ٿيڻ جو اشتهار.
مون ٻئي اخبارون پڙهي، امر کي ڇاتيءَ سان لڳايو.
امر اندر ويو ۽ هڪ هٿ ۾ ڏيئو ٻاري کڻي آيو ۽
ٻئي ۾ سندور جو ٽلڪ. مون کيس نرڙ تي ٽلڪ
لڳائي چميو ۽ آشيس ڏنيمانس ته "پٽ! شل پيءُ
وانگر ديش جو نالو روشن ڪرين ۽ خاندان جو مان
مرتبو اوچو رکين."

صبح جو اٿي امر اٺين ۾ ٻه ويا ۽ ضروري
ڪاغذ کنيا. مونکي پيري پئي روانو ٿيو. دور دور
تائين مان کيس ڏسندي رهيس ۽ منهنجو هٿ مٿي
کڻي لوڏيندي رهيس، جيسين سندس اڏندڙ رومال
منهنجي نظرن کان پري ٿئي. اندر ڪمري ۾ اچي
مان پر ڪٽيل پکيءَ مثل ڦٿڪڻ لڳس. اوچتو منهنجي
ڪنن تي آواز پيو، "شهيد جي پتني ۽ وير جي ماتا
جا ڇا ائين دل ماندي ڪندي آهي؟ ان وقت منهنجي

جهاز کي ٻاهر وڃڻ جي واٽ ۽ ٻيئي جهاز اچي ڦٽ پيا. ٻئي ڏينهن صبح ساڻ هر اخبار جي پهرين صفحي تي وڏن اکرن ۾ خبر ڇپي ته هڪ پندرهن سالن جي جوان امر پنهنجو سر ديش مٿان قربان ڪندي، دشمن جا ١٢ جهاز ڪيرايا.

ڪجهه وقت کان پوءِ در تي آواز ٿيو. در کوليم ته هڪ وير سينڪ اها خبر ٻڌائڻ لاءِ آيو هو، هن پهرين ته مونکي سيلوٽ ڪيو ۽ پوءِ ٻڌايو ته، "امر ديش جي صدقي شهيد ٿيو آهي." ۽ هن پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. مون کيس گلي لڳائيندي چيو، "هڪ امر ويو ته ڇا ٿيو، توهين ته سڀ منهنجا امر آهيو نه." هڪ سينڪ روئي پيو ۽ مونکي امان چئي هر هر سڏڪا ڀريندو رهيو. مون سندس ڳلن جا ڳوڙها اگهيا ۽ چيو، "وير سينڪ ۽ ديش ڀڳت جي اکين ۾ ڳوڙها شوڀيا نٿا ڏين. سينڪ چيو، "امان، امر پڇاڙيءَ جو منهنجو هٿ پڪڙي مونکي چيو ته امان وٽ وڃج ۽ کيس چئج ته ڏيئو ٻارڻ نه وساري. بس ان ڏينهن کان پوءِ هر ٻارهين جنوريءَ تي منهنجي ڏياري، منهنجي در اڳي ڏيئو ۽ منهنجي لڪشمي مون وٽ ايندي آهي.

ڊاڪٽر سنبل

اڄ سڄي رانچند جو بنگلو بتين جي جهرمر سان ائين پئي ٻهڪيو جـــڻ چنڊ آسمان مان لهي سڄيءَ رانچند جي بنگلي کي پنهنجي سڄي چانڊوڪيءَ جي روشنيءَ وجهندو هجي. بنگلي جي هر ڪنڊ ڪڙڇ مان طرح طرح جي طعامن، عطرن ۽ گلن جي خوشبوءِ پئي آئي. ڪيترائي ماڻهو جڻ جي آجيان لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا هئا. سڀني اڇي چمڪندڙ پوشاڪ، مٿي تي ڪاري ٽوپي ۽ هٿ ۾ شهاڻو سونهري ڇـــڻ وارو لڪڻ کڻي هر هڪ کـــي پنهنجو پنهنجو ڪم سونپي رهيو هو. هن جي دل ۾ هڪ ئي آرزو هئي ته ڊاڪٽر سنبل ۽ سندس گهر وارن کي ڪنهن به قسم جـــي شڪايت ڪرڻ جو موقعو نه ملي ۽ ها، سنيتا به تـــه سندس هڪڙي ئي لاڏلي ڌيءُ هئي.

البت ڪنهن وقت جڏهن ڪيس سنيتا جي وڇوڙي جي ياد ٿي آئي ته سندس اکين مان پـــ، لڙڪ ٿي لڙي آيا جيڪي هن هيڏانهن هوڏانهن نهاري اگهي ٿي ڇڏيا.

ڊاڪٽر سنبل

ڊاڪٽر جي تنوارني شيوا سماج لاءِ بلڪل ضروري آهي. هن ڪهاڻيءَ جو اداڪار ڊاڪٽر سنبل ۽ اهڙن نيڪ ڊاڪٽرن مان هڪ آهي جو ڏينهن رات مريضن جي شيوا ۾ سڀ ڪجهه سمجهندو هو. سندس زال ڪافي مخالفت ني ڪري، پر ڊاڪٽر محڪم ارادي ني آهي. نيٺ سيٺ رانجهندي، سنيتا جو پيءُ، سنيتا جي شڪايتن کي دور ڪري ڪيس پاڻ سکيا نو ڏني ڏي. هوءَ پڻ سنبل کي مدد ڪري. پيءُ جي سکيا هن تي ڪافي اثر ڪيو ۽ آخر ۾ هوءَ اٽل ارادو ٿي ڏيکاري سنبل کي مدد ڪرڻ جو.

سان سيتا جي ڪمري طرف وڌيو، جتي سيتا ڳاڙهي ساڙهي، ڪيترن زيورن ۽ هار سينگار ۾ جڪڙيل هئي. سندس ساهيڙيون کيس گهيري ڇيڙي رهيون هيون. ڪي کيس شڪايت ڪري رهيون ته هوءَ ڊاڪٽر جو منهن ڏسي اسان سڀني کي ڀلجي ويندي ۽ سيتا شرم ٻوٽيءَ وانگر شرمائجي ٿي وئي. سيتا جي اُسرا جهڙي صورت ڏسي سيٺ کي ڏاڍو آنند پئي آيو. هاڻي کيس ياد آيو ته سيتا جڏهن صرف ٻن سالن جي هئي تڏهن کان هو کيس ماءُ ۽ پيءُ جو پيار ڏيندو آيو هو. هن سيتا جي پالنا ۾ ڪاڻ ڪسر ڪانه ڇڏي هئي. ڪڏهن ڪڏهن سيتا جي ماءُ ياد پوندي هئي ته هوءَ چوندو هوس، ”ٻچا مان ته توکي ميلي مان لڌو هو“ ۽ ان ڳالهه تي ٻنهي جي وات مان ٽهڪ نڪري ويندو هو. اڄ به اها ڳالهه ياد ايندي سندس وات مان ٽهڪ نڪتو. آواز ٻڌي سيتا دروازي ڏانهن نهاريو، جتي هو سندس ڏانهن نهاري کلي رهيو هو.

جڃ راڻيند جي دروازي تي اچي پهتي، سيٺ جي گهر ۾ سڀني جي سٺي نموني آجيان ۽ خدمت ٿي. سڀ خوش هئا ۽ تمام گهڻو خوش هو سنيل جنهن اندر جي اسرا جهڙي سهڻي ۽ ونندڙ ڪنوار پاتي هئي.

اچانڪ ننڍڙي سنيتا سندس خيالن ۾ آئي.

سنيتا: اڄ ٻاڙي ۾ ميران جي شادي هئي.

سيٺ: ها پٽ هر ڪنهن ڇوڪريءَ جي شادي ٿيندي آهي. رانچند سنيتا کي ڀاڪر پائيندي چيو.

سنيتا: پوءِ منهنجي به شادي ٿيندي، ابو جهائيءَ مان چپائين.

سيٺ: ها پٽ.

سنيتا: ميران جو گهوٽ ته ڏاڍو سهڻو آهي.

سيٺ: مان توکي ان کان به وڌيڪ سهڻو گهوٽ وٺي ڏيندس.

سنيتا: پوءِ ميران نئين ساڙهيءَ ۾ ڏاڍي سٺي پئي لڳي. سندس گهوٽ ڪار ۾ چاڙهي پنهنجي گهر وٺي ويو.

سيٺ: (رانچند، سنيتا جا وار سنواريندي) هڪ ڏينهن منهنجو به گهوٽ ايندو ۽ توکي به ميران وانگر سينگاري ان سان گڏ سندس گهر ويندين ۽ ننڍڙي سنيتا جي منهن مان نڪتو هو نه بابا نه. مان اڪيلي گهوٽ جي گهر ڪانه ويندس. توهان کي به گڏ وٺي ويندس ۽ رانچند کلندي چيو هوس، ”ڇوڙي گهوٽ جو منهن ڏسندين ته پوءِ کي به پلجي ويندين.“

پوءِ ان کان پوءِ جو تيز آواز رانچند جي ڪنن تي پيو ۽ هو سپنن جي دنيا مان سجاڳ ٿيو. تيز قدمن

حالت ۾ سڌارڻ لڳي. مريض هاڻي خطري کان ٻاهر هو. هن نرس کي تاڪيد ڪئي ۽ ڪار ڪڍي گهر طرف روانو ٿيو.

هو جيئن ئي ڪمري ۾ داخل ٿيو ته سنيتا کـــي اداس چهري ۾ ڏٺائين. سنيتا، رات جي ان وقت سر نه پهچان ها تـــ مريض جو بچڻ بلڪل مشڪل هو. سنيتا هڪ پٿر جي مورتيءَ مثل، سامهون ديوار طرف نهاري رهي هئي.

سنيل ٽاءِ کي هڪ طرف رکي، جئن ڪوٽ لاهڻ لڳو ته سنيتا جي سڏڪن جو آواز سندس ڪنن تـي پيو. سونو هي ڇا؟ تنهنجي اکين ۾ آنسون! نه نه هي توکي نٿا سونهن. اکين ۾ ٻه ٻال لڙڪ ڳوڙهي ڳلن تـــي اچي پيس. سنيتا جو سينگار اڃا ـــ سندس چهري کي چمڪائي رهيو هو. سنيتا مان هڪ ڊاڪٽر آهيان ۽ مريض کي مدد ڪرڻ منهنجو پهريون فرض آهي. ڇا توکي ان جو احساس ڪونه ٿو ٿئي؟ پـــر سنيتا خاموش هئي.

پوري ڏهين اڄ سيٺ رائچند جو ڊرائيور اڇي پوشاڪ ۾ ڊاڪٽر سنيل جي دروازي تـــي اچي بيل وڄائي. سنيل جيئن در کوليو ته ڊرائيور سلام ڪندي چيو، ”سائين مان توهان کي ۽ سنيتا کي وٺڻ آيـــو آهيان. سنيل ۽ سنيتا جلد تيار ٿي اچي ڪار ۾ ويٺا.

اڄ سنيتا ڏاهن ٽڪي ٻڌهڻجي سيج تي سنيل جو انتظار ڪري رهي هئي. انتظاري ۾ جـون گهڙيون پوريون ٿيون ۽ سنيل اچي سيجا تي ٻڌهڻجي ڏاهن سان مليو. سهاڳ رات جون گهڙيون واڌجڻيون اچـڻ لڳيون. اوچتو ٽيليفون جي گهنٽيءَ ٻڌهي ڪي الڳ ڪيو. سنيل رسيور کڻي ڪن تي رکيو ته ٻئي طرف کان آواز آيو، "ساري سر، آءٌ ڊسٽرب ڪيو. بيڊ نمبر ٨ واري مريض جي اچانڪ حالت بگڙي آهـي. ڪيس ۾ ممڪن علاج ڏيئي ٿڪي آهيان پر هن ۾ ڪو فرق نه آيو آهي. بلڊ پريشر ١٨٠/١٣٠ آهي ۽ پلس بـے ترتيب آهستي پيئون هلن. سنيل ٿيو ڏيئي آئيو. ڊاڪٽر مهڻجو مريض Serious آهي. مان ڪيس ٽپاس ڪري ۽ جوڳي Treatment ڏيئي جلد واپس ٿو اچان.

ٻڌڻ مهڻ کان پوءِ ڪمپائونڊ مـان ڪار نڪرڻ جو آواز آيو. سنسان رستي تـان ڪار تيز رفتار سان هلڻ لڳي ۽ نيٺ اچـي اسپتال ۾ پهتي. سنيل تيز قدمن سان هلندو اچي مريض جي وڄهو پهتو جيڪو سهڪي رهيو هو. ڊاڪٽر ٽرس کي Coramine سئي پرڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ آڪسيجن جو سلينڊر مريض کـي Connect ڪيو. اهڙي نموني سڄي رات سنيل مريض جي علاج ۾ گذاري. اوچتو سامهون ڏيوار جي گهڙيال تي نظر پيس ته صبح جا ڇهه ٿيا هئا. هاڻي مريض جي

سنيل مريضن جي خاطر پنهنجي هر خواهش دٻائي ڇڏي. ڀلي ڪهڙي به گهڙيءَ ننڊ ۾ هجي يا مانيءَ جي ٽيبل تي هجي، اسپتال جو فون اچڻ تي هو هڪدم روانو ٿي ويندو هو. ڇا اها به ڪا زندگي آهي؟ سنيتا کي اها ڳالهه بلڪل نه وڻندي هئي.

هڪ ڏينهن سنيل اسپتال مان رات جو ١١ بجي گهر موٽيو هو، ڇو ته هڪ سيريس ڪيس هئس. اڃان هٿ منهن ڌوتائين، ماني کائڻ لاءِ ٽيبل تي ويٺو ته فون جي گهنٽي وڳي. سنيتا سمجهي ويئي ته اهو فون ضرور اسپتال مان ئي آيو هوندو، اٿي ڪري فون کڻي ڳالهائڻ لڳي. ”ڊاڪٽر مريض جي حالت وري خراب ٿي ويئي آهي“ سنيتا چيو ڊاڪٽر پاڻ به ٺيڪ ڪانه آهي توهان مريض کي ڪا ٽريٽمينٽ ڏيئي صبح تائين ڊاڪٽر کي آرام ڪرڻ ڏيو ۽ انهن فون رکي ڇڏيائين. سنيل اهو ٻڌي آئي کان ٻاهر نڪري ويو، مريض کي هن وقت منهنجي سخت ضرورت آهي. توکي فون تي انهن ڳالهائڻ جو ڪهڙو حق هو؟ سنيتا اهو سهي نه سگهي ۽ غصي ۾ اچي ويئي. چوڻ لڳي جي توهان کي رات ڏينهن اسپتال ۾ ويهي مريضن جي سيوا ڪرڻي هئي ته شادي ڇو ڪيو؟ ڇا مان سڄو ڏينهن هن اڪيلي بنگلي ۾ ويهي ديوارون تڪيان؟ پنهنجي ارمانن ۽ خوشين جو گلو گهوٽيان؟ ڪنهن پکيءَ

سيٺ رائچند سوامي کي ٻڌائي ڏاڍو خوش ٿيو.
سوالُ پُٽ ڪيئن سنيل جو سڀاءُ ته سٺو آهي نه؟ پٽ
اهو ڪم ماءُ جو آهي ته ... ڌيءُ کان سندس ننڍين
زندگيءَ ٻابت سڀ سماچار وٺي، پر هتي مونکي ٻئي
اداڪاريون ٿيون نباهڻيون پون.

سنيتا خاموش آهي. رائچند وري چيو، "چو پٽ
شرمائين ٿي. ٺيڪ آهي، مان ٻئو ڪان نٿو پڇان. سڀ
وقت سنيتا ساهرن سان گڏ رهي، ڪل خوشيءَ ۾
ڏينهن گذاريائين. هاڻي سنيتا جو پنهنجي گهر واپس
وڃڻ جو وقت آيو. رائچند سنيتا سان گڏجي مليو ۽
سنيتا سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. پيءُ جي ناليءَ هـن
ڌيءُ جا ڳوڙها اگهيا ۽ کيس ڏاڍي ڪيئي، پٽ پنهنجيءَ
جو گهر ئي پنهنجو پنهنجو گهر آهي. اون ڏانهن ته ئي
ڏوليءَ ۾ اُن گهر ۾ وڃي آهين ۽ اُن گهر مان لاش نڪري
پنهنجون فرمائيون ڏيڻيون آهن. پر پٽ هڪ ڳالهه ياد
رکج، سنيل کي فرض پالڻ کان ڪڏهن به نه روڪج.
اها منهنجي صلاح آهي.

هاڻي سنيتا ۽ سنيل جي ننڍين زندگي تمام مزي
سان گذرڻ لڳي. ٻئي هڪ ٻئي کي ايترو چاهڻ لڳا.
کين گهر ۾ به هر طرح جو عيش ۽ آرام ميسر ٿيل هو.
سنيل جو شهر ۾ نالو ۽ عزت به سندس لاءِ خوشيءَ جا
ڪارڻ هئا. کيس هڪ ئي ڳالهه جي شڪايت هئي ت

اچي پنهنجون ٻئي ٻانهون ڦهلائي ڇڏيون جيڪي سنيل هٿائي ٻاهر نڪري ويو.

سنيل جي وڃڻ کانپوءِ سنيتا پنهنجي بستري تي ليٽي خوب روئڻ لڳي. هاڻي کيس عجيب عجيب خيال اچڻ لڳا. هوءَ اُٿي فون جو ڊائل ڦيري ٻيءَ سان ڳالهائڻ لڳي. هن ڪمهلي وقت ڌيءَ جو فون اچڻ تي سيٺ رائچند وائڙو ٿي ويو. ڏڪندڙ هٿن سان هن فون کنيو. سنيتا جو ڀريل آواز ٻڌي، ٻهران ته ڊڄي ويو پر جيئن سنيتا وڌيڪ ڳالهايو ته هو سڀ سمجهي ويو ۽ ڌيءَ کي آٿت ڏيئي کيس چيائين ته مان اچان ٿو اٽڪل اڌ ڪلاڪ کانپوءِ سيٺ جي ڪار سنيل جي بنگلي ۾ داخل ٿي. سنيتا ڊڪندي اچي پيءُ سان گلي ملي ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. گهڻي روئڻ سبب سندس گلو به گهٽجي ويو هو.

پهريان ته رائچند کيس ٿڌو ڪري پاڻي پياريو ۽ پوءِ ٻئي اچي ڊرائنگ روم ۾ ويٺا. رائچند ڌيءَ جي سڀاءَ کان اڳواٽ واقف هو. هن ڌيءَ کي سمجهائيندي چيو، ”سونو! ڪنهن مريض جي جان بچائڻ هر ڊاڪٽر جو پهريون فرض آهي ۽ سنيل جيڪي ڪجهه ڪري رهيو آهي اُن ۾ سندس نالي کان وڌيڪ تنهنجو نالو به آهي. ڇا تون چاهين ٿي ته تون هڪ آلسي، خود-غرض ۽ عياشي ڊاڪٽر جي پتني چوائين؟ پت ڏيئو پاڻ ٻري ٻين کي روشني ڏيندو آهي. ڦل وٽ ۾ پتنگا

کي سونهري پڃري ۾ بند کري سٺا ۽ مٺا ميوا کارائڻ سان هو خوش رهندو؟ مان به هڪ انسان آهيان، مون ۾ به ڪي امنگ هوندا؟ مون به جيڪي شاديءَ کان اڳ سپنا پئي ڏٺا سي سڀ شيشمحل مثل ٽٽي پيا، جو سڄو ڏينهن رڳو اوهانجي راه ۾ پنهنجون اکيون وڇائڻ منهنجو روزمره جو ڪم ٿي ويو آهي. توهان هڪ طرف مريضن کي بچايو ٻئي طرف پنهنجو گهر آباد ڪريو ۽ پئسو ڪمايو. توهانکي پئسو کپي ته دنياءَ جي ملڪيت گهٽ پئي آهي. مان ته سندس اڪيلي وارث آهيان. چئو، گهڻا پئسا آڻي ڏيانو.

هاڻي سنيل وڌيڪ ٻڌي نه سگهيو ۽ غصي ۾ اچي ويو، تون هنن غريبن جي شيوا جو مله هن پئسي سان ٿي ڪٿين! ڇا پئسو ئي سڀ ڪجهه آهي. پڇ انهن غريبن کان جيڪي پنهنجن عزيزن جي زندگي بچائڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه وڪڻي به انهن کي بچائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. مان نه صرف پئسن لاءِ ڪم. جي سهاري مثل آهيان. زندگي ڏيڻ وارو ته هڪ ايشور آهي. مان نه ان جي ٻڌايل راه تي هلڻ وارو هڪ وسيلو آهيان.

سنيل جي دل کي ايتري چوٽ رسي، هو هڪدم ڪپڙا مٽائڻ لاءِ ڪمري ۾ ويو، سنيتا سندس سامهون

ٽين ڏا ڏر ورڻ هڪ به قل ڪونه ٿو کائي. اهڙي ريت انسان جي جيون تڏهن سڦلي آهي جڏهن هوءُ ٻئي جي ڪم اچي. ڪامياب ڊاڪٽر اهو آهي جيڪو ٻين جي جيون بچائي. لوڪن ۾ ڀاڳ وڃي سنيل کي ان ڪم ۾ مدد ڪرڻ کپي. لوڪن خبر ڪانهي ته ڪيترن ماڻهن جو موت ۽ هڪ ڊاڪٽر جي لاغرضائيءَ جي ڪري ٿيو هو. جو هو وقت سر پهچي ها ته. اڄ اهي جيئرا هجن ها ۽ اهي وقت نه مري ها.

اهڙي ۾ ڊاڪٽر سنيل جي ڪار اچي ڪمپائونڊ ۾ پهتي. ڊاڪٽر، رائچند جي ڪار پهچڻ ڪمپائونڊ ۾ ڏسي حيران ٿي ويو ۽ تيز قدمن سان ڪمري ۾ گهڙيو. هن ڏٺو ته. سنيتا پهچي ڪٿي ٿي ڏاڍي پشيمان هئي. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري پشچاتاپ ڪري رهي هئي. ڊاڪٽر سنڌس ڪنڌ مٿي ڪيو ته سنڌس اکيون پاڻيءَ سان ڀر هيون.

شانتيءَ کي پڳ ڪندي، سيٺ رائچند چيو، پٽ سنيل، اڄ کان سنيتا به توسان گڏ اسپتال هلندي ۽ تنهنجي پاڻهن ڀيلي ٿي مريضن جي سيوا ۾ تنهنجي همت ۾ هٿ ڏيندي. سنيل چيو سچ! سنيتا صرف ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي.

سنيل خوش ٿيندي چيو، موکي ته اهڙي ئي جيون ساٿڻ کپندي هئي. صبح جو پلڪ، جي شام جو گهر اچي ته ڪيس پلڪ نه چئبو ۽ پوءِ ٽيئي گڏجي ڪاڌو اڃا.

ماٽيجي ماءُ

گريش جيئن ئي ننڊ مان اٿيو ته ڇا ڏسي ته سندس ڏاڏي ڪنهن سمهيل انسان جي پير ۾ ويهي ورلاپ ڪري روئي رهي هئي، ننڍڙو گريش ان ڳالهه کي سمجهي نه سگهيو ۽ ڏاڏيءَ کي ڀاڪر پائي اڃا ڳوڙها اگهڻ لڳو. ايتري ۾ سندس چاچو منوهر آيو ۽ گريش کي گود ۾ کڻي ٻاهر هليو ويو. هن گريش کي ريجهائڻ لاءِ ٻاهران ئي پاسي واري دڪان تان ٽول وٺي ڏنو ۽ پوءِ کيس پر واري باغيچي ۾ وٺي ويو.

دادا، امان ڇو پيئي روئي؟ منوهر ڪو جواب ڪونه ڏنس، دادا، امان جي اڳيان ڪير سمهيو پيو هـو؟ منوهر وري به ڪو جواب ڪونه ڏنس. دادا ٻڌايو نه؟ توهين به روئو ٿا؟ ڇو؟ منوهر جي اکين مان هاڻــي ڳوڙهن جو ٻهڪ لڳي پيو. دادا توهين ڪجهه ڳالهايو ڇو نٿا؟ موٽڪي هتي ڇو وٺي آيا آهيو؟ گهر هلو نــه؟

گريش منوهر جي آڱر کي زور سان جهلي کيس اٿارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو. دادا هلو نه. موٽڪي کير پيئڻو آهي، مان جي کير نه پيئندس ته ممي مون

ماٽيجي ماءُ

ماٽيجي ماءُ اکر اهڙو آهي جو هر ڪنهن کي تير وانگر چڀي ٿو. ننڍڙو ٻار، ممتا ۽ پيار جو بکيو ٿو لڳي. اهو اهڙيءَ روشنيءَ کان بي خبر ٿو رهي. اُن کيس پياس ٿي رهي ماءُ جي پيار جي. ٿڌين ٿو پلي ڪنوار ۽ ٻهراڻ ٻنهي جي ماٽيجي پٽ کي پيار ڏيڻ لاءِ لبار نٿي لڳي. پر آخر وڏارن جي ڏور ۾ هڪ استريءَ جي دل مهڙ مثل ٻگهڙجي ٿي وڃي ۽ هوءَ ٻارن ٿي ڪري ۽ هن ڪاڻيءَ هوءَ هن ٻار کي خوب پيار ڪندي، ايترو جو شايد سڳيءَ ماءُ ٻه نه ڪيو هجي.

آنگر ٻڪڙي آهستي - آهستي هلڻ لڳو. پر گهر جو رستو وٺڻ بدران، ڀر واري نديءَ طرف هلڻ لڳو. جڏهن نديءَ جي ويجهو پهتا ته گڻيش وري چيو، دادا توهان گهر ڇو نه ٿا هلو. هاٿي مدوهر کان رهيو نه ٿيو، هن گڻيش کي چيو پٽ گهر ڪڏهن وٺ هلندين، منهنجي ماءُ ته گهر آهي ڪونه، هوءَ منهنجي نانيءَ جي گهر نڪري وئي آهي. نه نه ماءُ مونکي ڇڏي نانيءَ وٽ ڪانه ويندي آهي. هوءَ سدائين مونکي پاڻ سان گڏ وٺي ويندي آهي. هلو مونکي به نانيءَ وٽ وٺي هلو. مدوهر واچ طرف نهاريو ۽ گڻيش کي وٺي گهر طرف هليو، گهر جي ويجهو پهتا ته در تي رميش ويڳاڻو بيٺل ڏسي، گڻيش پڇي ويٺو، پپا اڄ توهان آفيس ڪونه ويا آهيو؟ ڇو مٿي ۾ سور آهي ڇا؟ هلو مان تو ٿورا زور ڏيانو ۽ ماءُ کي چوان ته توهان لاءِ گرم گرم چانهه ٺاهي اچي. رميش جا آنسون جيڪي گهڻي وقت کان سندس دل جلائي رهيا هئا، سي سڀ ڇلڪي اچي ٻاهر پيا. هو گڻيش کي جهلي چنبڙي پيو. گڻيش پٽ مان ڇا ڪريان؟ توکي مان ماءُ ڪٿان آڻي ڏيان؟ منهنجي ماءُ، اسان سڀني کان رسي هلي وئي آهي. هوءَ ڪونه رسندي آهي، پپا ماءُ ته ڏاڍي سٺي آهي، چڱو پپا مان ٿو ماءُ کي پرچايان. ۽ هو ڊڪندو گهر جي اندرين ڪمري

ٿي ناراض ٿيندي ۽ مونسان نہ ڳالهائيندي. دادا، ممي چوندي آهي تہ تون کير نہ پيئندين تہ ڪمزور ٿي ويندين ۽ بيمار ٿي پوندين. دادا، جلدي هلو نہ، تہ، تہ مان اڪيلو ئي گهر هليو ويندس.

منوهر هاڻي وڌيڪ نہ سنڀالي سگهيو، گريش کي جهلي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. پلا هُو گريش کي ڇا ٻڌائي ۽ ڇا سمجهائي؟ هن ڪهڙيءَ دل کي وملا جي باري ۾ ڇا ڇئي ٻڌائي تہ هوءَ ڪيئن اڪيلو ڇڏي هلي وئي. نہ نہ. هرگز نہ. مان هن ڪهڙي گل کي ڪومائجڻ نہ ڏيندس. اهو سوچي هن پنهنجا ڳوڙها اگهيا ۽ دل مضبوط ڪري هڪ اڌاميدڙ ٻوٽ ڏانهن گريش جو ڌيان ڇڪايو. ٻر گريش جنهن لاءِ اڄ ٻهراڻون ڏينهن ئي هو جو هُو ماءُ جي گود بدران چاچي جي گود ۾ هو. پلا گريش کي آرام ڪٿان ٿو اچي، هن وري چيو، "دادا هلو نہ، ممي مونکي ڳولهيندي هوندي. مان پاڻ واري شامونءَ جي گهر راند لاءِ ويندو آهيان تڏهن بہ ممي مونکان سواءِ گهڻو وقت نہ رهي سگهندي ۽ جهٽ-پٽ اچي مونکي وٺي ويندي آهي. ممي چوندي آهي تہ هوءَ مونکان سواءِ ننڍي رهي سگهي. هلو جلد هلو نہ.

منوهر هاڻي ڇا ڪري؟ نيٺ اٿيو ۽ گريش جي

گريش ڇا ڏسي ته سندس بابا سان گڏ هڪ سهڻي سٺي جوان ڇوڪري گهر آئي. گريش وائڙو ٿي ويو. هن پيءُ جي اڳيان اچي پڇيو، بابا هيءَ ڪير آهي؟ پٽ هيءَ اسانجي ممي آهي. ته ته هيءَ منهنجي ممي ڪانهي، منهنجي مميءَ جو فوٽو ته مون وٽ آهي، هيءُ ڏسو ۽ جهٽ وڃي رانديڪن جي وچ مان ماءُ جو فوٽو ڪڍي آيو. پٽ هيءَ ته اسانجي پراڻي مميءَ جو فوٽو آهي. هيءَ ته اسانجي نئين ممي آهي. بابا مونکي ته پنهنجي پراڻي ممي کپي، مونکي اها جام پيار ڪندي آهي. پٽ، توکي پراڻي ڇو ٻس ڪا وڻندي آهي؟ ان ڪري مان هاڻي اسانجي لاءِ نئين ممي وٺي آيو آهيان. پيار ڪريس ڏاهو ٻار. هاڻي گريش ڪروٽا طرف وڌيو ۽ ڪيس ڀاڪر پائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪروٽا ڇرڪي وئي ۽ گريش کي پاسي ڪري پنهنجي ساڙهي سنڀاليندي چيائين، ”اڙي اڙي منهنجي ساڙهي خراب ٿي ويندي.“ هوءَ ائين چئي پنهنجي ڪمري طرف وڌي وئي. گريش جون پکڙيل ٻانهون ائين ئي رهجي ويون. رميش جي دل کي جڻ ڪنهن جو سخت جهٽڪو لڳو. هن سوچيو ڪروٽا کي ته خبر هئي ته ڪيس هڪ پٽ سنڀالڻو آهي پوءِ هن ائين ڇو ڪيو؟ ننڍڙي گريش تي انجو ڪهڙو اثر پوندو؟ جيڪو پار ماءُ جي پيار لاءِ ڪڙهن

۾ گهڙي ويو. هڪ ڪمري ۾، اٽي ۾، رانڌٽي ۾، ورانڊي ۾، سندان ڪُنيءَ ۾، جڏهن ڳولهي ڳولهي ٿڪو ته. تماٽا ايپڻ ڪٽي ڏاڏيءَ کي جهنڙي پيو. هاڻي هوُ ڏاڏيءَ کان پڇڻ لڳو، ”امان ممي ڪٿي آهي.“ پت لنهدجي ممي لنهدجي نانيءَ وٽ ويٺي آهي. پپا چوي ٿو ته ممي رسي ويٺي آهي معصوم گرپش چيو. ها پت هوءَ رسي ويٺي آهي. پر ممي لـــ. پپا سان ڪڏهن ڪونه رسندي آهي. پت اڄ رسي ويٺي آهي ۽ گرپش کي چاچيءَ سان لڳائي پيڙي رونڻ لڳي.

ننڍڙو گرپش اهي پروليون سلي ته سگهيو ۽ دل ۾ اها ڳالهہ رکي چپ ڪري ويٺو رهيو. هاڻـــي سندس امنگ، ارمان، خوشي، ڪل سڀ چڻ ويلا پاڻ سان ڪٽي ويٺي هجي. هو جيڪي ڪيترا ويـــلا سان کندو هو سڀ ڪافور ٿي ويا. ته ڪيس بکہ ستائيندي هئي نـــہ اڄ. گهر ۾ گهٽيٺي ڙالون ايندڀون هيون، نيون نيون رسمون تيندڀون هيون، هـــوُ سڀ چپ ڪري ڏسندو رهندو هو. ڙالن جو رودن ڏسي ڪدهن وقت هو سن ۾ ٻٽڪي ويندو هو ۽ ڪڏهن ته رونـــڻ شروع ڪري ڇڏيندو هو. اهڙي رپت ڪيترائي مهنا گذري ويا. هڪ ڏينهن اهڙو ٿيو آهو جڏهن سندس ڏاڏي ۽ چاچو پنهنجي شهر هليا ويـــا. اوچتو هڪ ڏينهن هن هڪ نئون نظارو ڏٺو.

جي وڃڻ ني محسوس ڪيو، نہ معلوم ڪڏهن مهل سندس اک لڳي ويئي.

هن ڏٺو، گريش ننڍڙيون ٻانهون کولي، ڪروڻا طرف اچي رهيو آهي، ڪيس ڏاڍي اک لڳي آهي، گهٽي روئڻ سبب سڏڪا ڀري رهيو آهي ۽ ان سان گڏ مٿي جي رت لڳل اٿس. ڪروڻا جي دل ڀڳهري ۽ هن اڳيان اچي ڪيس هٿن ۾ وٺڻ چاهيو پر الائي ڪهڙي خيالات گريش کي هٿن ۾ کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ هوءَ ميرا ڪپڙا ڪٽي ڌوئڻ لڳي. گريش اتي ئي روئندو رهيو ۽ اک ۾ سڏڪا ڀرڻ ۽ رکجي ويس. ڪجهہ وقت کانپوءِ هو پاڻيءَ جي مٽڪي وٽ آيو ۽ ننڍڙو گلاس ڀري پاڻي پيتائين. ڪروڻا جي دل هڪ دفعو وري چلڪي اٿي، هن ڪپڙا اتي ۾ ڇڏي اچي گريش کي گود ۾ کنيو. هوءَ رڏٽي ۾ آئي ۽ ڪيس خوب چميائين ۽ پوءِ پڇيائينس، سيرو ڪائيندا ان؟ گريش ڪنڌ لوڏيو ۽ پيار جو پکيو ماءُ جي هٿن ۾ اچي خوش ٿي ويو.

ڪروڻا جهٽ ڪري سيرو ٺاهي، گريش کي کارايو ۽ پوءِ ڪيس راند ڪرڻ جي وڃڻ ڇڏي پاڻ رهيل ڪپڙا ڌوئڻ لڳي. پيار ملڻ کانپوءِ گريش گهڙيءَ گهڙيءَ پيار لاءِ واجهائيندو رهيو ۽ ڪروڻا وٽ اچي ڪيس چنبڙڻ لڳو. هر هر چنبڙڻ سان ڪروڻا جي دل

ڏينهن کان پيو واجهائي، انجي دل فضا ۾ اڏامندڙ ڪاٽا نيل لغڙ وانگر اچي پٽ پيئي ۽ هوءَ اماڻو ٿـي ورانڊي ۾ پيل کٽ تي وڃي سمهيو ۽ چپ چاپ روئڻ لڳو. روئندي روئندي ڪيس ڪيڏي مهل ننڊ آئي ان جي خبر نه پيس.

هاڻي رميش پنهنجي ڪمري ۾ آيو جتي ڪروٽا اڳيئي ويٺي هئي. ڪروٽا توکي ائين ڪرڻ نه ڪهندو هو. مون توسان ڇو شادي ڪئي آهي اها توڪـي پڌوائي خبر آهي. ها ها چڱيءَ طرح خبر آهي، پر انجو اهو مطلب نه ڪانهي ته ڪيس هميشه ٿي پيار ڪرڻـو آهي. ڏسو نه هيڏي قيمتي ساڙهي خراب ٿي وئي.

ڇا هن ساڙهيءَ جي لاءِ تون هن ابهم جـي دل ٽوڙيندينءَ. پنهنجي هن ساڙهيءَ کان وڌيڪ قيمتي ساڙهيون سان هيءَ سڄو ڪمٽ ڀريو پيو آهي، پر انهن سڀني کان قيمتي آهي منهنجي گرهش جي دل. تون هن کان پوءِ وري ڪڏهن به اهڙو سلوڪ نه ڪجانءِ جو ڪيس وملا جي ياد اچي.

اها سڄي رات، ڪروٽا اکيون ڦـاڙي جاڳندي رهي ۽ ماضيءَ کي ڌيان ۾ رکي ان تي سوچيندي رهي. ڪڏهن هن جي اڳيان گرهش جو معصوم چهرو ٿي ڦريو ته ڪڏهن رميش جـي ڪاوڙيل شڪل. ڪڏهن هن پاڻ کي هڪ نئين مهاڀارت جـي لڙائيءَ

آهيان. مان تو کي اهڙو پيار ڏيندس جو تو کي ڪڏهن به وملا ۽ ڪروڙا ۾ تفاوت محسوس نه ٿيندو. پر تون منهنجو آهين ۽ منهنجو رهندين.“

رميش ڪروڙا جي اها حالت ڏسي، خوشيءَ ۾ ٿي نه پئي ماپيو. هاڻي کيس احساس ٿيڻ لڳو ته هن ڪروڙا سان شادي ڪري ڪا به ڀل نه ڪئي هئي.

پوري هڪ آواز آيو ۽ هن ڇڙپ ڏيندي گريش کي پري ڌڪيو. اڙي ڪهڙي هن آفت مان ڦاٿي آهيان. تازي شادي ڪيل، ائين ٿو لڳي ڄڻ ورهيه ٿيا هجن. مون کي ڪهڙي خبر ته هن ڇوڪري کي گيدوڙي جهڙي عادت آهي جو رڳو پيو ڇنبڙي.

ويچارو گريش ٿورو پري هليو ويو. هن جي ننڍڙي دل، ماءُ جي هن نئين روپ کي سمجهي نه سگهي. هو ڪجهه پر وائي، وملا جي فوٽي ڏانهن نهارڻ لڳو. هن گهڙيءَ فوٽي ڏانهن ته ڪي نهاريو ۽ گهڙيءَ ڪروٽا ڏانهن، جا اڃان ڪپڙن ڌوئڻ مان واندي ڪانه ٿي هئي. اهڙيءَ پر وملا جو هڪ پاڇو سندس تصوير مان نڪتو. گريش ان جي پٺ وٺندو هليو ۽ ڏسندي ـ ڏسندي اهو ڪروٽا ۾ سمائجي ويو. گريش ٿورو ٽڪڙو هلي ان کي پڪڙڻ ٿي چاهيو ته سندس پير صابڻ جي پاڻيءَ تي پوڻ سبب ترڪي ويو. گريش پٺ تي ڪري پيو ۽ سندس مٿي مان خوب خون وهڻ لڳو. ڪروٽا ٽپ ڏيئي اٿي کڙي ٿي ۽ گريش گريش ڪندي رڙيون ڪرڻ لڳي. رميش سندس اوچتين رڙين تي ڇرڪ ڀري اٿيو.

ڪروٽا گريش کي کڻي خوب چميو ۽ سندس وات مان نڪتو، ”گريش مان توکي ڪڏهن اهو محسوس ڪرڻ نه ڏيندس ته مان ڪا تنهنجي ماٽيجي ماءُ

تقدير

اڄ ماڌوءَ کي نه ڄاڻ ڇو ڪيتري ڪوشش جي
باوجود، ننڊ نٿي آئي. اکيون بند ڪرڻ سان سندس
دماغي پردي تي ڪيترائي نظارا رقص ڪري رهيا
هئا. ڪڏهن ستيش جا لفظ سندس ڪنن سان
ٽڪرائي ڪيس مالتيءَ جو داستان ٻڌائي رهيا هئا.
ڪيس ڪڏهن مالتيءَ جو اونداهو جيون ٿي نظر آيو ته
ڪڏهن روشن ٿيڻ سان ٻرندڙ مالتي ٿي نظر آئي. هن
کي پورن وشواس هوندي به ڪڏهن وقت پنهنجي
ڪاميابيءَ تي شڪ ٿي پيو، هو پنهنجي استري تي
اٿي ويٺو ۽ ٽائيبل لئمپ جو سوئچ آن ڪري پنهنجي
واچ ۾ ڏٺائين ۽ ڇهن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندي چيائين ته ماڙ
اڃان ته صرف ٽي ٿيا آهن، اڃا ساڍا پنج ڪلاڪ دير
آهي ۽ وري سمهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ڪال بيل جي آواز تي ماڌوءَ اٿي در کوليو، در
تي وارڊ بواءِ صفائي ڪرڻ لاءِ بيٺل هو. هن جلد ئي
پاڻ سنڀاليو ۽ تيار ٿيڻ لڳو ۽ پوري ساڍي اٺين بجي
پنهنجي اسپتال جي ڪمري ۾ اچي پهتو.

تقدير

انسان جي تقدير ايشور اڳ ۾ ئي لکي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن سندس تقدير ۾ ڪجهه ٿيڻو هوندو آهي اوس ٿيندو آهي. هڪ غريب ڪنيا جو شرابي پيءُ سندس ماءُ جو سؤدو ڪنهن زميندار سان ٿو ڪري اچي. جڏهن مالنيءَ کي ان ڳالهه جي خبر ٿي پوي ته هوءَ گهر مان ڀڄي ٿي نڪري ۽ رستي ۾ ڀٽڪجون اکيون وڃائي ٿي وهي. ڪيس اهڙو انسان ٿو ملي جو سندس ٿور ته واپس ٿو آڻي ۽ ساڻس شادي ڪري هن جي جيون آباد ٿو ڪري ڇڏي.

چاهيندس. اهي لفظ ٻڌي ماڌو ڳڙ ڳڙ نيڻ لڳو.
اکين جي پٽيءَ جو پوڙون وڳڙ کڻڻ وقت مالتيءَ ان
وڳڙ کي پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي ڊاڪٽر کي نيزاري
ڪٽي ته هو سندس نيڻن جي سامهون اچي ته جيئن
هوءَ اهڙي نشڪام شيواداريءَ جي صورت پسي.
ماڌو نرس کي سمجهائيندي پاڻ مالتيءَ جي سامهون
ئي بيٺو ۽ پٽي کڻڻ ڪانپوءِ کيس آهستي اکيون
کولڻ لاءِ چيائين. مالتي هاڻي اکيون کولڻ لڳي.
پهريان ڊاڪٽر جي ڌنڌلي ۽ پوءِ صاف شڪل ڏسي
مالتيءَ جي دل ۾ ڊاڪٽر لاءِ شرڌا هڪ وار وري
ڊوڙي آئي. سندس نيڻن ۾ احسان جي لهر لري آئي.
ڊاڪٽر مالتيءَ کان پڇيو هاڻي ٻڌاءِ ته تون سڀ ڪجهه
ڏسي سگهين ٿي؟ مالتيءَ خوش ٿي چيو ته ها ڊاڪٽر
ها مان هاڻي سڀ ڪجهه ڏسي سگهان ٿي، توهان
کي، هن نرس کي ۽ هن دريءَ مان اسپتال جي
سندر باغيچي کي. توهان منهنجي لاءِ وردان آهيو.
مان ته بس اهو ئي سمجهي ويٺي هئس ته. منهنجو
جيون هاڻي اونداهو ئي رهندو. پر مونکي اها خبر
ڪونه هئي ته هن دنيا ۾ توهان جهڙا فرشتا به رهندا
آهن. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ڊاڪٽر مالتيءَ کي چيو ته.
مالتي انهنجو گهر ڪٿي آهي ته مان توکي اتي پهچائڻ
جو بندوبست ڪريان. مالتيءَ جي اکين ۾ هڪدم نير

مائوءَ کي آٿل ڏسي، دستور موجب نرس کيس اچو ڪو ٽائيم ٽيبل هٿ ۾ ڏنو ۽ ان تي نظر ڦيرائيندي هن نرس کي چيو ته جلد ٽري تيار ڪر ۽ جيئن ئي هن ٽائيم ٽيبل تان نظر هٽائي نرس ڏانهن نهاريو ته هن ڏٺو ته ٽري نرس جي هٿ ۾ هئي جيڪا سندس حڪم جو ئي انتظار ڪري رهي هئي. ڊاڪٽر پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي هليو ۽ نرس ٽري هٿ ۾ کڻي انجي پٺيان پٺيان ٿي وڌي.

ڊاڪٽر مائو جيئن ئي مالتيءَ جي ڪمري ۾ گهڙيو ته مالتي پنهنجي بستري تي اٿي ويٺي. هوءَ ڊاڪٽر جي چال کان ڀلي ڀانتي واقف ٿي ويئي هئي. هن ٻئي هٿ جوڙي ڊاڪٽر صاحب کي نمستي ڪئي. ڊاڪٽر خوش ٿيندي چيس ته ـ مالتي، اڄ تنهنجي جيون جي اونده جو آخري ڏينهن آهي. هاڻي تون هن دنيا جا دلڪش نظارا جيءُ ڀري ڏسي سگهندينءَ.

ڊاڪٽر نرس جي هٿن ۾ پڪڙيل ٽري مان ڪئنچي ڪڍي ۽ مالتيءَ جي اکين جي پٽيءَ جي ڳنڍ ڪٽي ڇڏي. ڊاڪٽر خاموشي ٽوڙيندي چيو ته مالتي ٻڌاءِ ته سڀ کان پهرين تون پنهنجن سهڻن نيڻن سان ڪنهن کي ڏسڻ چاهيندينءَ؟ مالتيءَ آهستي جواب ڏنو ته ـ جنهن منهنجي هنن بيجان نيڻن ۾ جان ڀري آهي، مان سڀ کان پهرين ان مهاپرش جو درشن ڪرڻ

مار ڪٽ ڪندو هو. مهندجي ماءُ وٽ جيڪي زيور هئا سي هن آهستي آهستي شراب جي پٺيان پورا ڪيا ۽ اهڙي نوبت آئي جو صرف تن ڍڪڻ لاءِ اسان وٽ ڪپڙن جو هڪ هڪ جوڙو ئي وڃي رهيو، ڪاڌو هڪ ويلو ملندو هو ته ٻئي لاءِ واجهائيندا هئاسين. مهندجي اسڪول جي في نه ڀرڻ تي مونکي اسڪول مان ڪڍي گهر ۾ وهاريو ويو. مان ۽ امان ٻن ڇهن گهرن جا ڀاسڻ ٻهارون ڪري ڪجهه ڪمائيندا هئاسين ۽ ان مان ئي اسين ئي جيو ڪڏهن کائيندا هئاسين ڪڏهن ۾ ڏيک ٻاٽي ٿي سمهي پوندا هئاسين. شراب جي عادت ڪري ٻاٻا ٽي ڳوٺ جي زميندار جو قرض چڙهي ويو ۽ انجي عيوض هوءَ زميندار سان مهندجي ماءُ جو سودو ڪري آيو. مقرر ڏينهن تي زميندار اسانجي گهر مهندجي ماءُ جي ٻانهن گهرڻ آيو ته مهندجي ماءُ ڇانهه ناهڻ جي ٻهاني ڀاهه ٻاري پاڻ کي ان ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڀاهه سڄي جهوپڙيءَ کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. هاڻي مونکي پهنجي زندگي ۾ خطري ۾ نظر اچڻ لڳي ۽ مان گهر مان ڀڄي نڪتس. سوچيم جيڪو مهندجو سهارو هو سو نه هليو ويو هاڻي ڪنهن جي آسري هت رهان؟ ڀڪندي ڀڪندي اوچتو...... ۽ پوءِ ڇڏهن مون کي هوش آيو ته پاڻ کي هڪ نرم بستري تي سمهيل محسوس ڪيم.

ٿي آيو ۽ هوءَ چوڻ لڳي ته ڊاڪٽر صاحب منهنجي
هن جيون جي روشني ان گهڙيءَ ٿي ڪسي ورائي
هئي. انسان لاءِ ايشور گهر سک. ماڻهو لاءِ خلقيو آهي
۽ منهنجو گهر منهنجي ٻارڙيءَ لاءِ خلقيو اٿس. ڊاڪٽر
چيو ته مالتي تون ڇا ٿيئي چوين، مون منهنجو مطلب
ٻلڪل نه سمجهيو؟ مالتيءَ چيو ته ڊاڪٽر ڇا ٻڌي
ڪندا منهنجي دکن جو داستان. ٻڌي اجايو پنهنجي
دل کي ٿيس پهچائيندا. اس مونکي هاڻي ان مدد
وٽ پهچايو جتان مان قدم کڻي پاڻيهي پنهنجي
جهونپڙيءَ وٽ پهچي ويندس. ڊاڪٽر مالتيءَ کي چيو
ته مالتي هاڻي ته توکي هڪ نئين زندگي شروع ڪرڻي
آهي. تون هاڻي ان جهونپڙيءَ ۾ نه، پر هن اسپتال جي
نرسنگ ڪوارٽر ۾ رهندينءَ. مان توکي نرس جي
ٽريننگ ڏيئي هڪ ڪامياب نرس ٺاهيندس. ڪيئن
ٺيڪ آهي نه؟ مان صرف اهو ٿو ڄاڻڻ چاهيان ته
منهنجو هن دنيا ۾ ڪير آهي يا نه؟ مالتيءَ ورائيو ته
جي توهان کي هن دکياريءَ جي ڪهاڻي ٻڌڻي ٿي
آهي ته ٻڌو:-

مان ٻارهن سالن جي مس هئس جو منهنجي ماءُ
اگني ديوتا جي آغوش ۾ سمائي پنهنجي آهولي
ڏني. ان جو ڪارڻ هو منهنجو نردئي پيءُ، جو هڪ
شرابي هو. هو هر رات نشي ۾ چور ٿي اچي گهر ۾

اهي ٻئي شنڪر جي مندر وٽ وڃي ويهندا آهيون ۽
ڀڳتن کي گل وڪڻي گذر ڪندا آهيون. اس ان ڏينهن
ڪانپور مان انهن سان رهڻ لڳس. گل وڪڻي پنهنجو
گذران ڪرڻ لڳس. ٻه مهنا اڳ، سندريءَ جي شادي
ٿي وئي، سندس گهوٽ ڪنهن مل ۾ نوڪري ڪندو
آهي ۽ سندري ڏاڍو خوش آهي ڇو ته سندس گهوٽ
هڪ شريف انسان آهي. هو ٻين مل جي مزورن وانگر
شراب وغيره ڪو نه پيئندو آهي. هو پنهنجي گهر کي
وڌائڻ لاءِ خوب محنت ڪندو آهي. اهو سڀ ٻڌائيندي
نه ڄاڻ ڇو مالتي جي منهن ۾ چمڪ اچي وئي.
ماڌو سندس منهن ۾ نهاريندو رهيو. ماحول ۾ شانتي
ڇانئجي وئي. شانتيءَ کي ڀڃندي ماڌوءَ چيو،
”مالتي تون شادي ڪندينءَ؟“ مالتيءَ جڻ وري هڪ
دفعو دک جي درياهه ۾ ٽٻي هڻي. وري خاموشي
اچي وئي. خاموشيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ ماڌوءَ وري سوال
دهرايو. مالتيءَ چيو ڊاڪٽر بابو مون اڇوت سان ڀلا ڪير
شادي ڪندو؟ ۽ وري منهنجو خاندان به ته منهنجي
اڳيان ايندو. ائين ته ٿئي جو شاديءَ جي سڪ، جيئي
لمحا ۾ گهلجي وڃان. هيڏي گهٽ ۾ محنت
مزوري ڪري پنهنجو پيٽ ته پالي سگهندس. گهڙي
ٻه آهي ته مون کي سندريءَ جهڙو ساٿي ملندو،
جيڪو شراب جهڙي نڪريءَ شيءِ کي نه ڇهندو هجي.

مون اکيون کولي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته مان ڪٿي آهيان؟ پر سڀ ناڪام، مونکي پنهنجي چوطرف اونده کانسواءِ ڪجهه نظر نه آيو. آخري ۾ هڪ مٺڙو ۽ سريلو آواز منهنجي ڪن تي پيو. ڏڪي لــون ڪير آهين؟ منهنجو نالو ڇا آهي؟ منهنجي چپن مان نڪتو "مالتي" پر مان ڪٿي آهيان؟ هتي مونکي ڪنهن آندو آهي؟ منهنجي اکين کي ڇا ٿيو آهي؟ اهي سڀ سوال مون هڪ ئي وقت پڇي ڇڏيا. اهو سريلو آواز سرڪاري اسپتال جي ڊاڪٽر انڊاڻيءَ جو هو. هن ٻڌايو ته منهنجو ٽرڪ ايڪسيڊنٽ سامهون روڊ تي ٿيو ۽ مونکي يڪدم اسپتال ۾ آندو ويو. منهنجي اسپتال ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ ڪري مان ٺيڪ ته ٿي ويس پر منهنجي نيڻن جي جوت هلي وئي. هاڻي مان پريشان هئس ته مان ڪيڏانهن ويندس؟ ڇا ڪندس؟ ڪٿي رهندس؟ وغيره وغيره. اهي سوال منهنجي دماغ ۾ اڀرڻ لڳا. منهنجي پر واري بستري تي سندري گلن واري سهيل هئي. ڪيس مدي جو بخار هو. هن مونکي آسرو ڏنو، مالتي تون چنتا نه ڪر، تون مونسان گڏ هلجانءِ. اسين ڀلي غريب آهيون پر پنهنجي محنت جي روٽي کائيندا آهيون. اسين هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندا آهيون. اسان اسان آس پاس واڙي ۾ ڪيترا گل پوکيا آهن هر روز

ساڻ ڳالهائڻ جو. پر جي اوها ڪٿي نه ضرور انکي قدرت جو ڪرشمو ٿي سمجهندس.

مالتيءَ جون اکيون وري هڪ وار آنند ۾ آنسن سان چلڪڻ لڳيون. هن هٿ جوڙي پنهنجي اشٽ ديو شنڪر جو سمرڻ ڪيو، جيڪو سندس جيون جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ جو مانجهي هجي سندس ٻيڙيءَ کي ڪناري لڳائڻ لاءِ ڪمس هٿ وٺي آيو هو. هن اکيون کوليون، ماڌو سندس جواب جو انتظار ڪري رهيو هو.

مالتيءَ چيو خبر ناهي هيءُ حقيقت آهي يا خواب. جي حقيقت آهي ته ڀلا توهان جهڙي فرشتي جو ساٿ ڪيئن ٺڪرائيندس. مان ته پنهنجي نصيب تي هاڻي ناز ڪندس ۽ ماڌوءَ مالتيءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ اهڙو ته زور سان پڪڙيو جيئن قدرت جي ڪابه طاقت کين هڪ ٻئي کان جدا نه ڪري سگهي.

ڇا وري ان نرڪ ٻنيان مان نيڻن جي آهوا ڏيان؟
هيئنر نه فرشتي جي روپ ۾ توهان اچي منهنجي و ٻال
جوت مونکي موٽائي ڏني پر اکيان ڇا ٿيندو انجو
تصور ڪري ڏکي ٿو وڃان.

ماڌوءَ مالتيءَ جو هٿ پڪڙي چيو نه- مالتي مان
اهڙي غلطي نه ڪندس ڇو نه تنهنجي ٻاقي اڄ ڪمائي
مونکي منهنجي دوست اڳي نئين ٻڌائي آهي ۽ ان
ڪمائيءَ سان متاثر ٿي ٿي مون تنهنجي اکين جو
آپريشن ڪرڻ لاءِ سوچيو. مان نه ٿو ٿي ان ڏينهن کان
موهت هئس جڏهن پهريون دفعو مون توکان گل ورتا
۽ سنٽيش کان ٿو ٻاهر سپ ڪجهه ٻڌيم. پر هاڻي
تنهنجي دل جي مندر ۾ پيار لاءِ آستان خالي آهي؟
ڇا تون مالتيءَ اڄ ۾ ڪٿيندي چيو، پر توهان جهڙا
مانت هن اپاڳيءَ کي پنهنجي گهر جي زينت ڪري
اپنائيندا؟ ماڌوءَ چيو مالتي ان جي چنتا ڪرڻ جي
ضرورت ڪانهي. مان به تو وانگر اناٿ آهيان. ايشور
سالم دماغ ڏنو، ڪنهن ڌرمي پرش سهارو ڏنو باقي
سرڪار وٽان مدد ملي ۽ ايشور جي ڪرپا سان هن
اوچي پدويءَ تي پهتو آهيان.

مالتي، مونکي تو جهڙيءَ ساٿڻ جي ضرورت
هئي. اڄ مان ان ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. خبر ناهي، اهو
شڪر ڀڳوان جي تپسيا جو ڦل آهي يا منهنجي

بلِيدان

جيون گهر ۾ گهڙڻ شرط ڪهاڙي هڪ طرف رکي ۽ شينهن وانگر گجگوڙ ڪندي چيو، "ڪيڏانهن مري ويٺينءَ جو ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ٿي اچين؟ ماڻهن جون زالون پنهنجي گهوٽ راجا لاءِ در ۾ اکيون ٻاري ويٺيون واجهائينديون آهن ته ڪيڏي مهل ٿو گهوٽ گهر اچي، پر تون ته الائي ڪهڙي گهڙيءَ مائٽن کي ڄائينءَ جو اچڻ شرط مائٽ ته چڱيءَ پر هاڻي منهنجي گهر ڌڻيان اچي پيٺي آهين. مون کي ته ٿي ڪٿي ڪٽهي جو تو جهڙيءَ سان پلئه اٽڪايم جنهن جو نڪو آهي اوهي نڪو واهي.

ٻڪريءَ وانگر ڪنبندي شانتي جيون جي سامهون آئي ۽ چيائين سوامي ڇو ٿا ڪاوڙجو؟ جيون ڏاڙهيندي چيو سوامي؟ ڏاڍي ٿورا ڏاري ٿي آهين؟ جي سچ پچ ٿورا هجين ها ته پنهنجي سواميءَ کي ڪاوڙائڻ لاءِ ضرور ڪجهه ڪاهي رکين ها، پر توکي گهوٽ سان ڪهڙو مطلب؟ توکي ته پنهنجو ۽ هن ڪارمنهين جو ئي پيٽ پورڻو آهي. مان ئي هڪڙو آهيان جو گهاٽي

ٻلهدان

شراب انسان کي حيوان بڻائي ٿو ڇڏي. شرابي
کي ڀلو - برو ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. هن ڪهاڻي
جو نائڪ جيون اهڙن شخص مان هڪ هو جيڪو شراب
جي ڪري پنهنجو گهر تباهه ٿو ڪري ڇڏي. اهڙي
قدر جو ڏيوي جهڙي زال سان به حد کان وڌيڪ ب
رحمي سان ٿو پيش اچي. آخر شيرو سندس اکيون
ٿو کولي پر ڪافي دير ٿي چڪي هئي جو جيون
پنهنجي ترمتي وڃائي چڪو هو. چونڊا آهن جـ
صبح جو ڀليل شام جو گهر واپس موٽي ته اهو ڀليل نـ
چوائبو. اهڙي حالت جيون جي هئي. جڏهن زال
وڃائي پر پٽ جي زندگي سڌارڻ خاطر شراب ڪا
پاسو ڪيو.

ڏسي اُن مٿان ٻي سڀهي امان امان ڪري روئڻ لڳو.

جيون سونوءَ کي جيئن ڏٺو تيئن ڪاوڙ وٺي
وٺس ۽ رڙ ڪري چيائينس ته پاڳا تون به اچي ويٺين؟
بلاءِ جلد بلاءِ صبح کان لوهان ٻڌهي ماءُ ٻٽ ڇا ڇا
ڪاڌو آهي؟ سونوءَ سڏڪا ڀريندي چيو ڪجهه به نه.
مونکي صرف ڪموءَ هڪ روٽي ۽ ڀاڄي ڏني. باقي
امان ته ڪالهه کان ڪجهه به ڪانه ڪاڌو آهي. ائين چئي
سونو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

جيون چيو ته ها ماڻهين لوکي ۽ ٻئيون پڙهائي
چڙيون آهن ۽ ان کي به زور سان ڌڪو ڏئي ٻاڻ
گهر کان ٻاهر نڪري هليو ويو.

جيون جهڙان نڪري شيروءَ جي شراب جي اڏي
تي پهتو ۽ هڪ ڪرسي ڇڪي ويهي رهيو. اتي ۾
هڪ نوڪر اچي آيس ۽ پڇيائينس سائين ڇا پيئندا؟
گلاب، ڪيسر يا ٻيو ڪجهه. جيون ان طرف نهارڻ لڳو
۽ هڪ رپئي جو نوٽ کيسي مان ڪڍي نوڪر جي
تري ۾ رکندي چيائينس شراب ٻوءِ ٻهران رپئي جا
ڪالوءَ کان ٻڪوڙا وٺي اچ. جلد اچ مونکي ڏاڍي
بک لڳي آهي. نوڪر جي وڃڻ کانپوءِ شيروءَ اچي
جيون جي ڀر ۾ ويٺو. جيون، شيروءَ کي ڀر ۾ ڏسي
چيو يار تون ته منهنجو پڪو يار آهين. باقي هيءَ
سڄي دنيا ته مون لاءِ مطلبي آهي مطلبي. دوست اچ

جي ٻڍي وانگر راس ڏيهن پيو رهان ۽ توهين ٻئي ٻيا عيش ڪريو. شانتيءَ چيو ته نه، سائين منهنجي لاءِ ائين نه چئو، منهنجي لاءِ توهان ڪانسواءِ هن سنسار ۾ ٻيو ڪير آهي، منهنجي لاءِ هن سنسار ۾ هر شيءِ بيڪار آهي. مان ڇا ڪريان؟ ٻن ڏيهن کان هن گهر ۾ اناج جو داڻو به ڪونهي. ڪالهه ته سونوءَ کي ٻيون ڏيهن واري هڪ روٽي ڏنم ۽ اڄ ٻاسي واري ڪمونءَ سونوءَ کي روٽي کارائي. سچ ته منهنجي پيٽ ۾ ٻن ڏيهن کان پاڻيءَ کان سواءِ ڪجهه به ڪانهي.

جيون ٿڪ ڏيندي چيو ها ته هاڻي تون اهڙي پتورتا ئي آهين جو ٻئيءَ جي خاطر ٻه ٻه ڏيهن اپواس ئي رکين. ان ڏيهن جو مان راشن وٺي آيس سو ڪيڏانهن ويو. جلد ٻڌاءِ. شانتيءَ چيو هڪ ڪلو اٽو، ١٠٠ گرام دال، پاءُ ٻٽاٽا، ائين آئي جو تيل ۽ چٽڻين آئي جون ڪاٺيون، ڇا اهي سڀ هفتي کان وڌيڪ هلندا؟

جيون جو غصو وڌي ويو، هن پاڻهن کان ٻاهر ٿي شانتيءَ کي ڌڪو ڏنو ۽ رنڌڻي جو هڪ هڪ ٻاسڻ ٻاهر ڪڍي ڦٽي ڪيا. مٽيءَ جا ٻاسڻ هٿ لي ڪرڻ ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿيندا ويا. پر جيون کي رنڌڻي ۾ ڪاٿ ڪاڌي جي شيءِ نظر نه آئي. اٽيري ۾ سونو جو ٻاهران راند ڪري موٽيو تڏهن ماءُ کي هٿ لي ڪرهل

مان اڄ لوڪي هرگز نه ٻيهڻ ڏيندس. اُٿ گهر هل.
جيون چيو سيٺ جي جهان ۾ سڀاڳو ٿيو. ڪيس شانتيءَ
جو ڀرپور روپ ۽ هن نئين زندگيءَ جا گذريل پنج
سال ياد اچڻ لڳا سونوءَ جو جنم، سونوءَ جي پالنا
لاءِ اڪيلو ڪيس ياد اچڻ لڳيون. ڪيس اهو به
نظارو ياد آيو جڏهن جيون شانتيءَ کان پڇيو هو ته
اڄ راندڪا جلدي وڪڻي آئينءَ؟ شانتيءَ چيو هو،
هن حويليءَ جي جگديش بابوءَ جي پٽ جو جنم ڏينهن
آهي، انڪري هن مونکان سڀ راندڪا خريد ڪيا
۽ مونکي ٢٠ رپيا ڏنا. جيون غصي ۾ اچي ڪيس
چيو هيٺرين راندڪن جا ٢٠ رپيا؟ ڇا جگديش بابو
بيوقوف آهي؟ هن اهي ٢٠ رپيا راندڪن عيوض نه
پر لوڪي ريجهائڻ لاءِ ڏنا هوندا. بس اڄ کانپوءِ راندڪا
وڪڻڻ بند. جيون وڌيڪ چيو هو ڇا مان مرد ڪونه
آهيان؟ منهنجي ٻانهن ۾ اڃا ايتري سگهه آهي جو
مان ڪمائي توهان کي کارائي سگهان ٿو. شانتيءَ چيو
نيڪ آهي، هن کانپوءِ مان ان طرف راندڪا وڪڻڻ
نه ويندس ڇو ته رڳو توهانجي مزوريءَ مان گهر جو
گذارو ڏکيو آهي. جيون چيو هو جيڪو ملندو ان مان
ئي گذران ڪرڻو اٿيئي. منهنجي بک، ڏک ۾ لوڪي
شامل ٿيڻو پوندو. شانتيءَ ڏٺو ته هاڻي ڳالهه مان ڪو
ڪڙليل نه نڪرڻ وارو آهي ته شانت ٿي ويهي رهي ۽

نه موٽڪي سچي راهه پيار. مان نٿي ٻه ڇوڪر لاءِ رهڻ چاهيان.

شيروءَ چيو ڇو، جيون تون گهر نه ويندين؟

جيون چيو گهر، ڪهڙو گهر؟ اِهي آهي ئي ڪير؟

۽ نپاڳيون پوڇاڻون ۽ پڳل لڪرن جا باسڻ. سچ ته زندگيءَ جو سڪ تو وٽ ئي آهي. شيروءَ چيو، جيون تون هي سڀ ڇا چئي رهيو آهين؟ پاپيءَ جهڙي دنيا ته هن زمين تي نه پيدا ٿي آهي نه ٿيندي. پاپيءَ نه تنهنجي دڪن ڪي ونڊيو آهي ۽ سڪن جهڙي ڪاڻ ڇاهه توکي نه ڏٺڪاري آهي. هن ويچاريءَ تنهنجي هر ارمان پنهنجي ارمانن جو خون ڪيو آهي. هوءَ نه تنهنجي خير خواه آهي ۽ تنهنجي وڏي آوڙ جا لاءِ هر روز ڏکيءَ در پاڻيندي آهي، پر تو ڪيس موت ۾ ڇا ڏنو آهي؟ سچو ڏيڻ پڪ، مارڪڻ ۽ گاريون گند. هن ويچاريءَ نه پکيو رهي ۽ ڪڏهن پڪ جو اظهار نه ڪيو آهي. ياد ڪر اهو شانتي جيڪا شادي ڪري تو وٽ آئي هئي ته هڪ اپسرا جهڙي لڳندي هئي ۽ هاڻي ڇا حالت ٿي وئي اٿس. هوءَ واندڪا وڪڻي گهر جي اوڪ وڌائيندي هئي ته تو اعتراض ورتس. هن تنهنجي خوشيءَ لاءِ اهو به پيد ڪيو. هن تنهنجي خوشيءَ لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪيو، ڇا هن دنيا لاءِ تون اهڙا اکر ٿو ڪڍين. دوست،

ڪئي. جيون کيس ڳلي سان لڳائيندي چيو، "پٽ تنهنجي امان پنهنجو جيون پورو ڪيو، هاڻي مان تنهنجو نئون جيون شروع ڪندس ۽ وري هڪ وار کيس زور سان ڳلي لڳايائين. ٻنهي جو پريم ميلاپ ڏسي، شيروءَ جي اکين مان ٻه لڙڪ لڙيا ۽ وات مان نڪتس، "شڪر ڀڳوان جو، جو جيون ڪجهه وڃائي، ڪجهه پاتو آهي، پاپيءَ جو بليدان نئين جوت جڳائيندو."

ان ڪانپوءِ ٻي سندن ڏکن ۽ ڏکن جا ڏينهن شروع ٿيا هئا.

شيرو جيون جو هٿ پڪڙي کيس گهر وٺي آيو. گهر ۾ چئني طرف اونده. انڌڪار هو. هن کيسي مان ماچيس ڪڍي ليمپ ٻاري ۽ ڪمري جو نظارو ڏٺو. ٻنهي جون اکيون ئي ڦاٽي ويون. شيروءَ لالٽين ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي پر لالٽين ۾ تيل ئي ڪونہ هو. هو جيون کي اتي ڇڏي ويو ۽ ٻاهرين گهران لالٽين کڻي. روشني اچڻ سان ٻئي سن ۾ ٿي ويا ڇا ڏسن ته شانتيءَ جي مغز مان رت نڪري زمين تي ڄمي چڪو هو. سندس شرير گهڻو وقت اڳ ٿڌو ٿي چڪو هو، پر سونو ماءُ سان چمڪي بيهوشيءَ جي حالت ۾ هو.

شيرو جلدي ٻاهران ته سونوءَ کي ڊاڪٽر وٽ کڻي آيو جنهن کي تاڪيد ڪري پاڻ واپس پهتو.

شانتيءَ جي چتا ٻري رهي هئي ۽ هر هر چتا مان شانتي ليٽا پائي جيون کي سڏي رهي هئي ته سونوءَ کي سٺو پالجو ۽ کيس سچو جيون ڏجو. اٽري ۾ اساه ۾ ڪا ڀاري شيءِ وجهي ڪري، اها هئي شراب جي ٻوتل جيڪا شيروءَ زور سان ڦٽي ڪئي.

جيون اسپتال ۾ پهتو، سونوءَ کي ان ڪان ٿورو وقت اڳ هوش اچي چڪو هو. هن امان، امان پئي

چري

ٻاتووم مان جيئن ئي ٻاهر نڪتس، تہ مڌمکي ڪمن تي ٻارن جي گوڙ جو پڙلاءُ پيو "چري چري" ماريو هڪي ۽ هڪدم ٻئين اچلائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. مان حيران ٿي سوچڻ لڳس تہ ٻاهر ڪهڙي ماجرا آهي؟ ۽ وڌيڪ سوچڻ واجب نہ سمجهي، ٻڌل نوال سان ئي ٻاهرئين دروازي تي اچي پهتس. ڇا ڏسان تہ مڌمکيو ننڍو لال ٻڻ ان انبوه ۾ شامل آهي ۽ ننڍا ننڍا ٻچڙا ڪٺي پڌمکي سائين جو ٻانهن ٻيلي ٿي پيئو آهي. سامهون وارو نظارو ڏسي مان حيران ٿي ويس ۽ اوچتو واڪ مان نڪتو سڏيتا.

مڌمکي ترمهندي جا مڌمکي لاء نيرڻ تيار ڪري ڪٺي آئي هئي، تڏهن جو مونکي دروازي ڏانهن اڪڙو اڪڙو ويندو ڏٺو سا ، مڌمکي پٺ وٺي آئي هئي، انجي مونکي ڪا سمڪ نہ پيئي. هن مڌمکي واڪ مان سڏيتا اڪر ٻڌي تہ واڙي ٿي وئي ۽ چيائين ڇا توهان هن کي سڃاڻو؟ مون ڪڏهن لوڏي ها ڪئي. مڌمکيون اکيون ڳوڙهن سان ڀريون ويون، اهڙي

چري

دوستيءَ جا ڪئين روپ آهن. سچي دوستي ڪجھ اوُر چيز آهي. سندس هڪ سياڻي ڇوڪري ڏيکاري وئي آهي پر وقت جي حالتن کيس گهڙيءَ گهڙيءَ زخم ڏئي ڏنا جي هوءَ برداشت نه ڪري سگهي ۽ دماغ جي ڪمزوريءَ کيس چريو ڪري ڇڏيو. سندس دماغ کي اهڙا چوٽ لڳي جو ڊاڪٽر به کيس ٺيڪ ڪري نه سگهيا.

۽ ٻارڻ سان گڏ اسڪول ويندا وڃو ۽ پوءِ اُن سائين مان ٿي سائي ٿياسين. اسڪول وڃڻ وقت جڏهن اسان جي ٽپري نڪرندي هئي ته سڀ پرڀان ٿي اسان کي سڃاڻي ويندا هئا. قدرت ۽ اهڙي جو اسان ٽيئي اسڪول ۾ ۽ سڀني ماسترن جا پيارا هوندا هئاسين ۽ هر ڇماهيءَ ۾ ٻاڃ وٺي اسڪول جو نالو روشن ڪندا هئاسين.

سميتا مائٽن جي اڪيلي ڌيءُ هئي. سندس پيءُ مهيش ٻابو هڪ ناميارو جج هوندو هو. اڪيلي ڌيءُ جي ناتي، مائٽن جو ڪيس ايڏو پيار مليو هو ۽ سچ هوءِ پيار جي قابل ٻڻ هئي. سندس آواز ڪوئل جهڙو مٺو ۽ سريلو هوندو هو. سونهن ۾ هوءِ ڪنهن ۽ حالت ۾ چوڏس جي چنڊ کان گهٽ نه هئي. وڏتر سندس هرڻيءَ جهڙيون اکيون ۽ چال هن ڏي وڌيڪ موهيندڙ ٻڻائيندا هئا. سهڻيون ٻريسون ٻائي جڏهن هوءِ گهر مان نڪرندي هئي ته ائين لڳندو هو جڻ اندر پوريءَ جي اسرا زمين تي لهي آئي هجي.

زائين درجي کان جو اسين ٻارڻ ۾ سائي ٿياسين سو اچي مئٽرڪ ۾ پهتاسين پر اسانجو هڪ ٻئي لاءِ پيار سچو ۽ پوتر هوندو هو. اسان جو گهران نڪرڻ ۽ گڏجي اسڪول وڃڻ هڪ عجيب واقعو هوندو هو.

مئٽرڪ جا امتحان ويجها هئا ته هڪ ڏينهن مان ۽

ٿوري وقت ۾ منهنجي چهري جي رونق ڦري ڪري، منهنجي پنهنجي ۽ جن سوالن جي لسٽ تيار ڪري ڇڏي ۽ هڪ ٻئي پٺيان سوال پڇڻ لڳي. انهن جو جواب ڏيڻ کان اڳ، تسي مان ان ٻيڙ ۾ گهڙي پيس ۽ سيٺي ٻارن کي دٻائي ڌمڪائي پنهنجي پنهنجي گهر موڪليم. سيٺيا جڏهن هن انبوهه ۾ هڪ مون جهڙو همدرد پاتو ته صرف تماشي نيڻن سان مون ڏانهن نهاري اکيون وڌي آئي.

هاڻي مان اندر آيس ۽ آفيس وڃڻ لاءِ تيار لڳس، پر منهنجي پنهنجي جا هيتري سڀ ڏسڻ ڪانپوءِ چپ ڪرڻ واري ته هئي ڪونه سا مون ڏانهن اٿين نهاري رهي هئي ته مان کيس سڀ ڪجهه ٻڌايان. نيٺ نيڻن ڪانئيندي، مون کيس سيٺيا جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو.

پدما، مونکي اهو وقت بلڪل چٽيءَ طرح ياد آهي، جڏهن سيٺيا، جا اڄ هوش حواس وڃائي پاڳلن وانگر پئي گهمي سا هڪ ڏينهن بلڪل سياڻي، سهڻي ۽ سٺي ڇوڪري هئي. مان جڏهن نائين ڪلاس ۾ هئس ته هوءَ ڪٿان ٻاهران آئل هئي ۽ اسانجي پاڙي ۾ رهندي هئي. مان ۽ رميش جڏهن گڏجي اسڪول ويندا هئاسين ته سيٺيا جي ماءُ اسانکي سڏ ڪري چوندي هئي، پٽ سيٺيا ته توهانجي ڀيڻ آهي، کيس

وڌندو ويندو هو. هونءَ ته راڄن هڪ معمولي ڪلارڪ جو پٽ هو ۽ اڪيلي ۽ سڪيلڌي پٽ هئڻ جي ناتي ڪيس پيءُ ۽ ماءُ جي طرفان تمام گهڻو پيار مليو هو. راڄن جو پيءُ ڀلي پاڻ ڪپڙن ۽ بوٽن کي چتيون هڻي پائيندو هو پر پٽ کي نئين سج نوان ڪپڙا ۽ بوٽ ملندا هئا. اسڪول ۾ به اهڙي ايمان سان هلندو هو جو هر ڪو شاگرد توڙي ماستر هن کان ڊڄندا هئا. گهر جا ڪم نه ڪري اچڻ تي ماستر کيس سزا ڏيڻ ۾ ڪيٻائيندا هئا. امتحان ۾ ڪاپي ڪرڻ هن لاءِ عام ڳالهه هئي.

رستي ويندي، هڪ دفعو هن سنيتا کي اڪيلو ڏٺو ته. اُن پٺيان شرارتي نگاهن سان نهارڻ لڳو. سائيڪل اڳيان آڻي ان تي چڙهڻ جي آڇ ڪرڻ لڳو. مطلب ته هن پنهنجي پيار جو اظهار ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آزمايا پر سنيتا کيس تري تيل نه لاهڻ ڏنس.

امتحان جي رزلٽ اچڻ واري هئي. مون ۽ رميش سڄي رات انتظار ۾ ننڊ ڪانه ڪئي هئي ۽ صبح جو جڏهن اخبار ڏٺيسين ته. ٽنهي ڄڻن جا نمبر فرسٽ ڪلاس جي ڪالم ۾ چمڪي رهيا هئا. اسين اڪڙا اسڪوٽر کي ڪڪ هڻي سنيتا جي گهر ۾ پهتاسين. هوءَ اسان جي شڪل مان ئي رزلٽ سمجهي ويئي. سنيتا جي ماءُ اسان لاءِ پليٽ ۾ مٺائي کڻي آئي ۽

رميش ۽ پاڻ گڏ ويٺاسين پر سنيتا نظر نہ آئي، ٥ منٽ، ١٠ منٽ گھڙيءَ وٽ بيٺاسين پر سنيتا جو پتو نہ نظر نہ آيو. اسان ٻئي پيرين ڪري اچي سنيتا جي گھر پهتاسين. ڏٺوسون سنيتا بخار ۾ ڪڙهي رهي آهي، ماڻس چيو تہ سنيتا کي ٽائيفائيڊ ٿي پئي آهي. هاڻي اسڪول وڃڻ لاءِ اسان ٻہ ساٿي رهياسين، اهڙا جهڙا زنده لاش. ڪلاس ۾ ڪنهن بہ پڙهڻ ۾ دل نہ لڳندي هئي. مان ۽ رميش شام جو روز سنيتا جي گھر وڃي سندس سڌ سماءُ لهندا هئاسين.

ڪجھہ ڏينهن ۾ سنيتا ٺيڪ ٿيڻ لڳي، پر هيٺائي جڻ هن جي شرير ۾ گھر ڪري ويٺي هئي، اها سونهن جا چوڏس جي چنڊ کي ماٺ ڪندڙ هئي ان جي جگھہ تي ڪير جي سفيديءَ جنم ورتو هو. جنهن لاليءَ سندس ڳلن کي سرخ ڪيو هو انهيءَ جگھہ تي جڻ هيڊ هاري پيئي هئي.

امتحان شروع ٿيا تہ سنيتا جو ٻيءَ سنيتا سان گڏ اسانکي بہ پڙهڻ جي ڪار ۾ وهاري امتحان هال ۾ ڇڏي ايندو هو. اسان ٻنهي کي ان رات ڪار ۾ ايندو ڏسي، هر ڪنهن کي پيو حسد ٿيندو هو. راجن اسانجي ڪلاس جو مشهور ڇوڪرو هوندو هو ۽ هرڪو شاگرد ڪانئس ڪن هٽندو هو. پر هنجو سڀاءُ اهڙو هو جو جيڪو سندس ڪان نفرت ڪندو هو، هو ان جي وڏائي

سنيتا کي؟ سونو ڀت ڇا آهي؟ رميش ۽ جيون ڪٿي آهن؟ انهيءَ مان هڪ جوان اڇي مهيش بابوءَ کي سڄو قصو ٻڌايو. رميش بابوءَ جو رت ٽهڪي اٿيو ۽ هڪدم ٻهندڙ ريوالور کڻي راجن جي گهر هليو. ڳالهه ڳالهه ۾ گرمي اچي ويئي ۽ هن ريوالور ڪڍيو ته راجن ان کان اڳ ئي هڪ زوردست مڪ مهيش بابوءَ جي لونڙيءَ تي وهائي ڪڍي. مهيش بابوءَ جو ٻيو سرير مڪ جي چوٽ لڳندي ئي ڍري پيو ۽ سندس نڪ مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو ۽ مغز جي نس ٽٽڻ سبب هو سڀني چنتائن کان آزاد ٿي هميشه لاءِ گهريءَ ننڊ ۾ سمهي پيو.

ان خبر سنيتا ۽ مالتيءَ تي ڏاڍو برو اثر ڪيو. ٻئي جڻيون جڻ شانتيءَ جي ٻلن وانگر زندگي گهارڻ لڳيون. سنيتا جو هاڻي ڪاليج وڃڻ بند ٿي ويو. ڪجهه مهينن پڄاڻان مهيش بابوءَ جي ڀيڻ بنگلور مان نرمل نالي هڪ انجنيئر جو رشتو سنيتا لاءِ کڻي آئي. ڪملا سوچيو سنيتا نرمل سان شادي ڪري پراڻيون ڳالهيون وساري ڇڏيندي.

٢٠ ڊسمبر رات جو سنيتا دلهن جي روپ ۾ نرمل سان گڏ هئي، هڪ نئين دنيا وسائڻ لاءِ ۽ پراڻي دنيا کي وسارڻ لاءِ. ماڻهو صرف جنم ڏيندي آهي ۽ پاليندي آهي پر نصيب ايشور جي هٿ ۾ هوندو

مڪان چانهه جو گرم گرم ڪوپ. مهيش بابوءَ ننڍڙي اسان کان پڇيو، پٽ هاڻي اڳيان ڇا پڙهڻ جو ويچار ڪيو اٿو؟ اسان ننڍي جواب ڏنو دادا اسان نه اڳيئي سوچي رکيو آهي نه ڪامرس پڙهنداسين. هو ڏاڍو خوش ٿيو.

هڪ دفعي رميش کي ڪنهن عزيز جي شاديءَ تي ٻاهر وڃڻو پيو ۽ منهنجي ننڍيءَ جي طبيعت ٺيڪ نه هئڻ سبب مان ۽ ان ڏينهن ڪاليج ڪونه ويس. سنيتا کي اها سڌ نه هئي ۽ جيئن ئي هوءَ ڪاليج وڃي رهي هئي نه راجن هن کي اڪيلو ڏسي وڃي سندس ٻانهن ۾ هٿ وڌو. سنيتا جي پيرن هيٺان جڻ زمين ئي کسڪي وئي. هن ٿوري همت گڏ ڪري ڪيس اهڙي نه ته ڪري چماٽ هنئي جو راجن دنگ رهجي ويو. پر راجن وري به باز نه آيو، اهڙي ۾ اسانجي ڪلاس جي ڇوڪري ڪمل جو اتان لنگهڻ ٿيو، ان جو هيءُ قصو ڏٺو سو پنهنجي سائيڪل ڦٽي ڪري اچي راجن تي وسيو ۽ انهي وچ ۾ ٻيا به ڇوڪرا اچي ويا جن واري سان راجن کي خوب ماريو.

سنيتا جو پيءُ مهيش بابو ان وقت گهر ۾ ئي هو، اوچتو هن پنهنجي گهر طرف ايندڙ ڇوڪرن جي انبوهه ۽ ان سان گڏ سنيتا کي سهڪندو ڏسي ڪجهه سمجهي نه سگهيو ۽ رڙ ڪري چيائين ڇا ٿيو منهنجي

آهي. نرمل ٻڌهڻي ڏهن آنگرن جا زور ڏيئي سديتا کي سڀ ڏک وسارڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس هر ڪوشش ناڪام رهي. ان ڪري نرمل جي دل ۾ ڪڏهن ڪم ۾ نه لڳندي هئي.

هڪ ڏينهن نرمل ٻڌهڻي ڪم لئي ويو، ان ڏينهن هڪ بلڊنگ جي ڇت پرچڻ واري هئي. انجنيئر جي نالي هو ٻڌهڻن ماڻهن کي هدايتون ڏيڻ ۾ مشغول هو ته سندس پير ترڪي ويو ۽ هو ڌڙام ڪري اچي هيٺ ڪريو. کيس جلدي اسپتال ۾ آندو ويو پر ڊاڪٽر ڪافي ڪوشش جي باوجود، کيس بچائي نه سگهيا.

جڏهن سديتا وٽ ماڻهو خبر کڻي آيا ته هوءَ لاش مٿان ڪري ٿڪ ڏيڻ لڳي. هوءَ سڀ ڏک وساري ويٺي ڪڏهن کي به سڃاڻڻ کان اسمرٿ هئي. وڏن وڏن ڊاڪٽرن جي ڪوشش جي باوجود به انجو دماغ ٺيڪ نه ٿي سگهيو. هن کي چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. ڪافي سال هوءَ اتي هئي. اڄ لڳي ٿو ته هوءَ الان ٻچي نڪتي آهي جو انين ٻئي ٻڪي.

ڏٺم شرمتيءَ جون اکيون ڳوڙهن سان ڀري ويون آهن آخر هوءَ به هڪ ناري آهي جيڪا ناريءَ جي پيڙا کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهي سگهي ٿي. مون کيس خيالن مان واپس آندو ۽ خالي پليٽ هٿ ۾ ڏيئي، آفيس لاءِ روانو ٿيس.

واقفيت



پورو نالو: گوپال ڀارواڻي

نوڪري ائڊريس: اسسٽنٽ فائنيس ڊپارٽمينٽ، ڪنڊلا پورٽ ٽرسٽ، گانڌي ڌام.

گهر جي ائڊريس: "سائين سدا"، بنگلو نمبر B-42، ڀائي پرتاپ نگر، گانڌي ڌام.

جنم : ١٠ جون ١٩٣٦ ڪراچيءَ ۾.

چاهه : ساهتيه پڙهڻ ۽ لکڻ. ڪيترن ئي ڪهاڻيون ۽ مذاقيه ليک ڀارت جي مشهور اخبارن ۽ مخزنن ۾ آهن.

ريڊيو : آل انڊيا ريڊيو ڀڄ تان ٻڻ وقت بہ وقت پروگرام ڏنل.

مقصد : سماج اوڻائن سان ڀري پئي آهي جن کي دور ڪرڻ هر سنڌيءَ جو فرض آهي. منهنجين رچنائن ۾ اڻ سماجڪ اوڻائن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ٿيل آهي.

Price Rs.